www.awamisoach.pk

جمهوري سوچ جي ترجمان

ABC
Certified

Daily
AWAMI SOACH
Karachi

روزاني
عوامي سوچ
ڪراچي

چيف ايڊيٽر
حاجي محمد حنيف ميمڻ

(جلد 15) اڱارو 23 سيپٽمبر 2025ع بمطابق 29 ربيع الاول 1447هه (شمارو 343) قيمت 20 رپيا

سنڌ حڪومت ورلڊ بينڪ جي سهڪار سان ييلو لائين بي آر ٽي منصوبي تي تيزيءَ سان ڪم ڪري رهي آهي: شرجيل انعام ميمڻ

سينيٽر تاج حيدر مرحوم جي نالي سان منسوب پل مڪمل ٿيڻ جي آخري مرحلن ۾ آهي، حڪومت جي ڪوشش آهي ته هڪ هفتي اندر ان پل کي مڪمل ڪري عوام لاءِ کولي ڏنو وڃي: سينيئر صوبائي وزير

ڪراچي جي عوام کي سنڌ حڪومت جديد سفري سهولتون فراهم ڪري رهي آهي، هن هفتي عورتن لاءِ خاص طور تي "پنڪ اسڪوٽرز" مفت ۾ ڏنيون وينديون ته جيئن هو پنهنجي سفري ضرورتون آسانيءَ سان پوريون ڪري سگهن

صدر آصف علي زرداري جي تازي چين دوري دوران اهم ملاقاتون ٿيون، جن ۾ سنڌ اندر برقي ۽ عام بسن جي تياري لاءِ ڪارخانا قائم ڪرڻ تي ڳالهه ٻولهه ٿي، ان سان نه رڳو شهرين کي جديد سفري سهولتون ملنديون پر مقامي سطح تي روزگار جا موقعا به پيدا ٿيندا

ڌابيجي اسپيشل اڪنامڪ زون ۾ چيني سيڙپڪارن وڏي دلچسپي ڏيکاري آهي، جتي نيون صنعتون لڳڻ سان نوجوانن لاءِ روزگار پيدا ٿيندو، صدر زرداري خاص طور تي زور ڏنو ته ملڪ جي معيشت کي بهتر ڪرڻ لاءِ وڌيڪ کان وڌيڪ صنعتون قائم ڪيون وڃن

وڏن منصوبن ۾ گهٽ ڪري يوٽيليٽيز جي منتقلي جهڙا مسئلا سامهون ايندا آهن ريڊ لائين منصوبي ۾ به اهڙيون ئي ڏکيائيون پيش آيون هيون، پي ٽي سي ايل ۽ ڪي اليڪٽرڪ ڪروڙين رپيا خرچ ڪرڻ سبب ترقي جي رفتار متاثر ٿي

صدر آصف علي زرداري جي چين دوري دوران توانائي، زراعت ۽ سالڊ ويسٽ مينيجمينٽ جي شعبن ۾ به تفصيلي ڳالهه ٻولهه ٿي، جيڪا نهايت ڪامياب رهي، ايندڙ وقت ۾ انهن شعبن ۾ وڏا منصوبا شروع ڪيا ويندا

ڪراچي (رپورٽر) سنڌ جي سينيئر وزير ۽ سنڌ سماءَ ٽرانسپورٽ ۽ ماس ٽرانزٽ شرجيل انعام ميمڻ چيو آهي ته صوبائي حڪومت ورلڊ بينڪ جي سهڪار سان ييلو لائين بي آر ٽي منصوبي تي ڏينهن رات ڪم ڪري رهي آهي. منصوبي جا ڊيپو ۽ ٻيا تعميراتي ڪم تيزيءَ سان جاري آهن، جڏهن ته سينيٽر تاج حيدر مرحوم جي نالي سان منسوب پل مڪمل ٿيڻ جي آخري مرحلن ۾ آهي. حڪومت /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 01

ڪراچي: سينيئر صوبائي وزير شرجيل انعام ميمڻ ييلو لائين بي آر ٽي منصوبي تي هلندڙ ڪم جو جائزو وٺندي

توشه خانه 2 ڪيس ۾ آخري ٻن گواهن به پنهنجا بيان رڪارڊ ڪرائي ڇڏيا

اسلام آباد (بيورو) اڳوڻي وزيراعظم عمران خان ۽ سندس گهر واري بشريٰ بي بي جي خلاف توشه خانه 2 ڪيس ۾ آخري ٻن گواهن به پنهنجا بيان رڪارڊ ڪرائي ڇڏيا توشه خانه 2 ڪيس جي ٻڌڻي/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 02

پرڏيهي وزير اسحاق ڊار گڏيل قومن جي اجلاس ۾ شرڪت لاءِ نيويارڪ پهچي ويو

نيويارڪ (م د) نائب وزيراعظم ۽ پرڏيهي وزير اسحاق ڊار نيويارڪ پهچي ويا آهن جتي هو گڏيل قومن جي جنرل اسيمبلي جي 80 هين اجلاس ۾ شرڪت ڪندا، جنهن ۾ فلسطين ۽ غزه جا/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 03

سينيٽ چيئرمين سان آسٽريلوي هاءِ ڪمشنر جي ملاقات

پاڪستان آسٽريليا سان پنهنجن لاڳاپن کي قدر جي نگاهه سان ڏسي ٿو: يوسف رضا گيلاني

پارلياماني وفدن جي مٽاسٽا سان ٻنهي ملڪن وچ ۾ گڏيل هم آهنگي ۽ خيرسگاليءَ کي هٿي ملندي

اسلام آباد (بيورو) سينيٽ چيئرمين سيد يوسف رضا گيلاني چيو آهي ته پاڪستان آسٽريليا سان پنهنجن لاڳاپن کي قدر جي نگاهه سان ڏسي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 04

دولت مشترڪه کي امن قائم ڪرڻ ۽ مڪالمي جي پليٽ فارم جي طور تي پنهنجو ڪردار جاري رکڻ گهرجي: اسحاق ڊار

نائب وزيراعظم ۽ پرڏيهي وزير دولت مشترڪه جي لاءِ پاڪستان جي اٽل حمايت ۽ ان منفرد پليٽ فارم کي وڌيڪ مضبوط بڻائڻ جي عزم کي ورجايو، هن تنظيم کي بدلجندڙ عالمي حالتن موجب اٽڻ جي ڪوششن جي آجيان ڪئي

عالمي برادري هڪ ئي وقت ڪيترن ئي بحرانن کي منهن ڏئي رهي آهي، دولت مشترڪه کي امن قائم ڪرڻ ۽ مڪالمي جي پليٽ فارم جي طور تي پنهنجو ڪردار جاري رکڻ گهرجي

هن دولت مشترڪه جي ماحولياتي تبديلي بابت ڪوششن جي ڀرپور حمايت ڪئي ۽ ميمبر ملڪن پاران ماحولياتي چئلينج کي منهن ڏيڻ تي مسلسل ڌيان ڏيڻ جي ضرورت تي زور ڏنو

پرڏيهي وزير اسحاق ڊار دولت مشترڪه جي ان منفرد ڪردار کي ساراهيو جيڪو هو 56 ميمبر ملڪن کي هڪ گڏ ڪري نوجوانن کي بااختيار بڻائڻ، ڊيجيٽل تبديلي ۽ واپار ۽ ڪاروبار جي فروغ جي لاءِ ادا ڪري رهيو آهي

پاڪستان کي دولت مشترڪه جي نوجوانن جي ايجنڊا ۾ قائداڻو ڪردار ادا ڪرڻ تي فخر آهي ته جيئن اسان جي نوجوان نسل هڪ وڌيڪ خوشحال ۽ پرامن مستقبل جوڙڻ جي قابل ٿئي

پاڪستان دولت مشترڪه جي رابطي جي ايجنڊا کي فروغ ڏيڻ ۾ ڀرپور ڪردار ادا ڪندو ۽ اهڙن قدمن جي حمايت ڪندو رهندو جن سان دولت مشترڪه جي اندر ڊيجيٽل، فزيڪل، ريگيوليٽري ۽ سپلاءِ چين جا رابطا وڌيڪ مضبوط ٿين

نيويارڪ (م د) نائب وزيراعظم ۽ پرڏيهي وزير سينيٽر محمد اسحاق ڊار دولت مشترڪه جي لاءِ پاڪستان جي اٽل حمايت ۽ ان منفرد پليٽ فارم کي وڌيڪ مضبوط بڻائڻ جو عزم ورجائيندي چيو آهي ته عالمي برادري هڪ ئي وقت ڪيترن ئي بحرانن کي منهن ڏئي رهي آهي، دولت مشترڪه کي امن قائم ڪرڻ ۽ مڪالمي جي پليٽ فارم جي طور تي پنهنجو ڪردار جاري رکڻ گهرجي. پرڏيهي آفيس/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 15

فلسطين کي آزاد ملڪ طور قبولڻ ئي تڪرار جي حل جو واحد رستو آهي: فرانسيسي صدر

واضح رهي ته فرانس اڄ گڏيل قومن جي ڪانفرنس ۾ فلسطين کي تسليم ڪرڻ جو امڪان آهي

فلسطين کي تسليم ڪرڻ سياسي عمل جي شروعات آهي، جنهن کان پوءِ جنگبندي ۽ غزا تائين امداد جي بحالي جي اميد آهي

گذريل ڏينهن برطانيا، ڪئناڊا ۽ آسٽريليا فلسطين کي آزاد ۽ خودمختيار رياست طور تسليم ڪيو هو

پئرس (م د) فرانسيسي صدر ايمانوئل ميڪرون چيو آهي ته اڄ فلسطيني رياست کي تسليم ڪرڻ ئي ان صورتحال کي سياسي حل ڏيڻ جو واحد رستو آهي ۽ اها هڪ اهڙي صورتحال آهي، جنهن کي روڪڻ ضروري آهي. واضح رهي ته اميد ظاهر ڪئي پئي وڃي ته فرانس اڄ گڏيل قومن جي هڪ ڪانفرنس ۾ فلسطيني رياست کي تسليم ڪندو. گذريل ڏينهن برطانيا، ڪئناڊا ۽ آسٽريليا فلسطين کي هڪ آزاد ۽ خودمختيار رياست طور تسليم ڪرڻ جو باضابطا اعلان ڪيو هو ايمانوئل ميڪرون پرڏيهي/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 16

اسلام آباد: سينيٽ چيئرمين يوسف رضا گيلاني سان آسٽريلين هاءِ ڪمشنر ملاقات ڪندي

سڄي ملڪ ۾ صحت جي سهولتن جي فراهمي جي دائري کي تيزيءَ کي وڌايو ويندو: مصطفيٰ ڪمال

نيشنل هيلٿ سپورٽ پروگرام کي مؤثر طريقي سان لاڳو ڪرڻ کي يقيني بڻائڻ لاءِ ورلڊ بئنڪ پروگرام جي مدت ۾ هڪ سال جي واڌ ڪري

ورلڊ بئنڪ جي درخواست تي مصطفيٰ ڪمال انٽر منسٽريل هيلٿ اينڊ پاپوليشن ڪائونسل کي فوري طور ٻيهر فعال ڪرڻ جي هدايت ڏني

اهڙو اظهار هن ورلڊ بئنڪ جي اعليٰ سطحي وفد سان ملاقات دوران ڪيو ان موقعي تي پاڪستان جي صحت واري نظام کي مضبوط بڻائڻ لاءِ جاري قدمن ۽ چئلينجز تي خيالن جي ڏي وٺ ڪئي وئي

اسلام آباد(بيورو) قومي صحت واري وفاقي وزير سيد مصطفيٰ ڪمال چيو آهي ته سڄي ملڪ ۾ صحت جي بنيادي سهولتن جي فراهمي جي دائري کي تيزيءَ سان وڌايو ويندو ۽ پاڪستان جي صحت واري نظام کي بهتر بڻائڻ لاءِ گڏيل تعاون کي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 18

ڪچي ۾ آپريشن 3 ڌاڙيل مارجي ويا، 9 زخمي، اهلڪار آزاد

ڪشمور جي ڪچي ۾ اغوا ٿيل پوليس اهلڪار کي آزاد ڪرائڻ لاءِ رينجرز ۽ پوليس گڏيل آپريشن ڪيو: رينجرز ترجمان

ينگ لاءِ اغوا ۾ ملوث خادم پيو گينگ پوليس اهلڪار کي ڊيوٽي دوران اغوا ڪيو هو، ڌوهارين جي گروپ اهلڪار جي وڊيو پڻ سوشل ميڊيا تي وائرل ڪئي هئي

بدنام زمانه خادم پيو جنهن جي سر تي 10 لک روپيه انعام مقرر آهي، اهو به زخمي ٿيل ڌاڙيلن ۾ شامل آهي

ڪشمور(رپورٽر) سنڌ رينجرز ۽ پوليس ڪشمور جي ڪچي واري علائقي ۾ بدنام ڌاڙيل پيو گينگ خلاف ڪارروائي ڪندي اغوا ٿيل پوليس اهلڪار کي آزاد ڪرائي ورتو. آپريشن دوران فائرنگ جي ڏي وٺ ۾ 3 اغوا ڪار ڌاڙيل مارجي ويا ۽ 9 /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 20

غزه ۾ جنگ بندي ۽ جنگ جي خاتمي لاءِ پرعزم آهيون: چين

بيجنگ (م د) چيني پرڏيهي وزير وانگ يي چيو آهي ته چين غزه ۾ جنگ بندي ۽ جنگ جي خاتمي لاءِ پرعزم آهي، عالمي برادري ٻه رياستي حل تحت گڏيل قومن ۾ فلسطين جي مڪمل ميمبرشپ جي حمايت ڪري ٿي. هڪ بيان ۾ وانگ يي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 21

اسلام آباد: آمريڪي ناظم الامور نيٽالي اي بيڪر ريلوي جي وزير حنيف عباسي سان ملاقات ڪندي

فرحان غني کي ڪهڙي قانون جي تحت آزاد ڪيو ويو؟ عدالت رڪارڊ طلب ڪري ورتو

سرڪاري ملازم تي تشدد جي ڪيس ۾ فرحان غني سميت ٻيا جوابدار ۽ وڪيل عدالت ۾ پيش ٿيا جنهن دوران عدالت پڇاڻو ڪيو ته ڪيترن گواهن جا بيان رڪارڊ ڪيا ويا

جاچ آفيسر عدالت کي آگاهه ڪيو ته 25 آگسٽ تي ٻن گواهن جا بيان رڪارڊ ڪيا ويا، جنهن تي عدالت ريمارڪس ڏنا گواهن جي بيانن موجب سرڪاري ڪم بند ڪرايو ويو

ڪراچي (رپورٽر) ڪراچي جي دهشتگردي جي انت واري عدالت ٽائون چيئرمين چنيسر جي خلاف سرڪاري ملازمن تي تشدد جي ڪيس ۾ پڇاڻو ڪيو ته فرحان غني کي ڪهڙي سيڪشن جي تحت آزاد ڪيو ويو؟ رڪارڊ عدالت ۾ پيش ڪيو وڃي/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 24

ايجوڪيشنل ايڊوائيزر ٽيم جو سنڌ جي مختلف شهرن جو دورو

دوري جو بنيادي مقصد انٽرنيشنل يونيورسٽي آف ڪرغزستان (IUK_ISM) ۽ ان جي عالمي معيار جي ايم بي بي ايس پروگرام بابت آگاهي فراهم ڪرڻ هو

سيمينار ۾ 400 کان وڌيڪ MDCAT اميدوارن کي ڊاڪٽر علي تفصيلي پريزنٽيشن ڏني ۽ هڪ ڪلاڪ ڊگهو سوال جواب جو سيشن پڻ ٿيو

ڪراچي (رپورٽر): ايجوڪيشنل ايڊوائيزر جي ٽيم، ريجنل هيڊ ڊاڪٽر علي گلاب ٽنيي جي اڳواڻي/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 25

ٽن سالن فائبر نيٽ کي 60 سيڪٽرو تائين ڪٽي ونداسين: شزا فاطمه

آءِ ٽي شعبي ۾ نوجوانن کي وڌ کان وڌ سهولتون فراهم ڪيون پيون وڃن، وزيراعظم پاران اسٽارٽ اپس ۽ نوجوانن لاءِ فنڊ ريزنگ بابت خاص هدايتون آهن

آءِ ٽي جي فروغ لاءِ انساني وسيلن ۾ اضافو ڪيو پيو وڃي، ۽ انفراسٽرڪچر لاءِ ڪيترائي قدم کنيا ويا آهن

ملڪ ۾ 8 انڪيوبيشن سينٽر ڪم ڪري رهيا آهن، صرف حيدرآباد مان هڪ ارب کان وڌيڪ ماليت جا اسٽارٽ اپ ٺاهيا ويا آهن

حيدرآباد (رپورٽر) وفاقي وزير آءِ ٽي شيزا فاطمه چيو ته اسان جي ڪوشش آهي ته پاڪستان کي ڊجيٽل حب ڏانهن وٺي وڃون. ۽ ايندڙ 3 سالن ۾ فائبر نيٽ ورڪ کي 60 سيڪٽرو تائين وٺي ونداسين. حيدرآباد ۾ نيشنل انڪيوبيشن سينٽر/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 26

اسلام آباد: وفاقي وزير راڻا تنوير حسين گڏجاڻي جي صدارت ڪري رهيو آهي

سوئي مان هٿيار بند 9 ڏنار اغوا ڪري ويا، ڳولا جاري

ڊيرا بگٽي(م د)ليويز اهلڪارن ٻڌايو آهي ته سوئي جي علائقي مان نامعلوم هٿيار بندن جي هڪ گروپ 9 ڏنارن کي اغوا ڪري ويا آهن. ليويز جو چوڻ آهي ته اطلاع ملڻ تي هو علائقي ۾ پهتا آهن ۽ مغوين جي بازيابي لاءِ ڪوشش ڪري /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 27

برطانيه ۾ فلسطيني مشن جي عمارت کي سفارتخاني جو درجو ملي ويو، فلسطيني جهنڊو لهرايو ويو

برطانيا طرفان فلسطيني رياست کي سرڪاري طور تسليم ڪرڻ کان پوءِ مرڪزي لنڊن ۾ فلسطيني سفارتخاني جي اڳيان فلسطيني جهنڊو بلند ڪيو ويو

جهنڊا اسان جي قوم جي ماتم، اميد، زمين ۽ قربانيون جي نمائندگي ڪري ٿو ۽ هي عمل فلسطين جي آزادي ۽ انصاف جي ڊگهي جدوجهد جي اعزاز ۾ آهي: برطانيه ۾ فلسطين سفير

برطانيا، ڪينيڊا ۽ آسٽريليا جي تازن فيصلن کان پوءِ عالمي سطح تي فلسطين جي سرڪاري تسليم جو سلسلو شروع ٿي چڪو آهي، ڪيترن ئي ملڪن جي حمايت گڏ ٿيندي پئي وڃي

لنڊن(م د) برطانيا پاران رياست کي سرڪاري طور تي تسليم ڪرڻ کان پوءِ فلسطيني سفارتخاني تي فلسطيني جهنڊو بلند ڪيو ويو. قطري نشرياتي اداري الجزيره جي هڪ رپورٽ موجب، برطانيه پاران فلسطيني رياست کي تسليم /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 30



ڪراچي: وڏي وزير مراد علي شاهه سان ترڪي جو قونصل جنرل ملاقات ڪري رهيو آهي

سنڌ جي وڏي وزير سان ترڪي ۽ بنگلاديشي سفارتڪارن جي ملاقات

پاڪستان ۽ ترقي جي وچ ۾ پراڻا ۽ مضبوط لاڳاپا قائم آهن، جن کي وڌيڪ هٿي ڏني ويندي

پاڪستان ۽ ترقي جي وچ ۾ واپاري لاڳاپن کي وڌيڪ وڌائڻ جي ضرورت آهي: مراد علي شاهه

ڪراچي (رپورٽر) سنڌ جي وڏي وزير سيد مراد علي شاهه ترڪي ۽ بنگلاديش جي سفارتڪارن سان ملاقات ڪئي، جنهن ۾ سرمائيڪاري ۽ گڏيل واپار تي اتفاق ڪيو ويو. ترڪي جي نئين قونصل جنرل ارگل ڪدڪ جي سنڌ پهچڻ تي پليڪار/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 17

ڪراچي: گارڊن ۾ صفائي لاءِ ايندڙ پيءُ ۽ 2 پٽ سيوريج مين هول ۾ ڪري فوت

مين هول ۾ ٻڏي ويل ٽنهي ڄڻن کي واٽر ڪارپوريشن صفائي جي لاءِ گهرايو هو

ٽئي ڄڻا پاڻ ۾ پيءُ پٽ هئا، جيڪي 15 هزار روپين جي عيوض صفائي جي لاءِ مين هول ۾ لٿا هئا

ڪراچي (رپورٽر) ڪراچي جي علائقي گارڊن عثمان آباد ۾ سيوريج مين هول ۾ ڪري 3 ڄڻا فوت ٿي ويا آهن. علائقي جي رهواسين ٻڌايو آهي/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 19

ڪراچي: چيئرمين ماڊل ڪالوني ٽائون شهر ۾ صفائي سٿرائي بابت ڪمن جو جائزو وٺي رهيو آهي

ڊي جي سنڌ بلڊنگ ڪنٽرول اٿارٽي شهمير ڀٽو کي هٽايو ويو، نئون ڊائريڪٽر مقرر

ڊي جي سنڌ بلڊنگ ڪنٽرول اٿارٽي (ايس بي سي اي) شهمير ڀٽو کي عهدي تان هٽايو ويو

شهمير ڀٽو جي جاءِ تي مزمل هاليپوٽو کي سنڌ بلڊنگ ڪنٽرول اٿارٽيءَ جو ڊائريڪٽر جنرل مقرر ڪيو ويو

ڪراچي (رپورٽر) ڊي جي سنڌ بلڊنگ ڪنٽرول اٿارٽي (ايس بي سي اي) شهمير ڀٽو کي عهدي تان هٽايو ويو، جنهن جو نوٽيفڪيشن به جاري ڪيو /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 22

جعلي ڊگري ڪيس ۾ جمشيد دستي کي 17 سال قيد جي سزا ٻڌائي ڇڏي

جمشيد دستي خلاف اليڪشن ڪميشن جعلي ڊگري جي شڪايت داخل ڪئي هئي

جمشيد دستي 2008 ۾ مدرسي جي بي اي ڊگري تي اليڪشن ۾ حصو ورتو هو، پر ان جو رڪارڊ موجود نه هو

ملتان (ويب ڊيسڪ) ملتان جي مقامي عدالت عوامي راج پارٽي جي سربراهه جمشيد دستي کي 17 سال قيد جي سزا ٻڌائي ڇڏي. ملتان جي ڊسٽرڪٽ /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 23

ڪراچي: چيف سيڪريٽري سيد آصف حيدر شاهه سينئر مينجمنٽ ڪورس جي وفد سان گڏجاڻي ڪندي

ايمان مزاري ۽ سندس مڙس جا ضمانت نه ٿيڻ جوڳا گرفتاري وارنٽ جاري

سيشن جج محمد افضل مجوڪا ايمان مزاري ۽ هادي علي چٺا جا ضمانت نه ٿيڻ جوڳا گرفتاري وارنٽ جاري ڪري ڇڏيا

عدالت ايمان مزاري ۽ هادي علي چٺا کي طلبي جا نوٽيس پڻ جاري ڪيا هئا

اسلام آباد(بيورو) اسلام آباد ڊسٽرڪٽ اينڊ سيشن ڪورٽ رياست ۽ قومي سلامتي وارن ادارن خلاف تڪراري ٽوئيٽ ڪيس ۾ ايمان مزاري ۽/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 28

پاڪستان ۾ پوليو جا وڌيڪ ڪيس ظاهر، انگ 27 تي ويو

2025 ۾ سنڌ ۾ هاڻي تائين 7 پوليو ڪيسن جي تصديق ٿي چڪي آهي

پوليو هڪ لاعلاج بيماري آهي جيڪا زندگي ڀر جي معذوري جو سبب بڻجي ٿي

اسلام آباد (بيورو رپورٽ) نيشنل ايمرجنسي آپريشن سينٽر (NEOC) سنڌ جي حيدرآباد ضلعي مان هڪ نئين پوليو ڪيس جي تصديق ڪئي آهي. /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 29

ڪراچي: سنڌ اسيمبلي جي پبلڪ ڪميٽي جو چيئرمين نثار احمد کهڙو گڏجاڻي جي صدارت ڪندي

حڪومت سعودي عرب سان تاريخي دفاعي معاهدي تي پارليامينٽ کي اعتماد ۾ وٺڻ جو فيصلو

قومي اسيمبلي جو اجلاس 29 سيپٽمبر جي شام 5 وڳي طلب ڪيو ويندو، پارلياماني معاملن واري وزارت اجلاس سڏائڻ جي سمري وزيراعظم کي موڪلي ڇڏي: ذريعا

اجلاس دوران بچاءَ واري وزير خواجا آصف ان حوالي سان پاليسي بيان ڏيندو، قومي اسيمبلي جو اجلاس ٻن هفتن تائين جاري رهندو، اجلاس ۾ معمولي ايجنڊا به بحث هيٺ ايندي

واضح رهي ته ڪجهه ڏينهن اڳ سعودي ولي عهد محمد بن سلمان ۽ وزيراعظم شهباز شريف پاڪستان ۽ سعودي عرب جي وچ ۾ اسٽريٽجڪ گڏيل دفاعي معاهدي (ايس ايم ڊي اي) تي صحيحون ڪيون هيون

اسلام آباد (بيورو) حڪومت سعودي عرب سان تاريخي دفاعي معاهدي تي پارليامينٽ کي اعتماد ۾ وٺڻ جو فيصلو ڪيو آهي. پارلياماني ذريعن موجب، قومي اسيمبلي جو اجلاس 29 سيپٽمبر جي شام 5 وڳي طلب ڪيو ويندو، ذريعن /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 05

ڪراچي ميوزڪ ٽيچرز جو احتجاج، سي ايم هائوس ڏانهن مارچ جي ڪوشش، ڇڪرون، 40 ڄڻا گرفتار

ڪراچيءَ ۾ پوليس ۽ ميوزڪ ٽيچرز ڇڪرون، پوليس سي ايم ڏانهن وڃڻ جي ڪوشش ڪندڙ چاليهه ڄڻن کي گرفتار ڪري ورتو

ميوزڪ ٽيچرز مطالبن جي مڃتا لاءِ ڪراچي پريس ڪلب آڏو احتجاج ڪري رهيا هئا ۽ سي ايم هائوس ڏانهن مارچ جي ڪوشش به ڪئي

آفر آرڊر جاري ناهن ڪيا ويا، جنهن سبب بيچيني وڌي رهي آهي، ٽنهنڪري ترت ميوزڪ ٽيچرز کي آفر آرڊر ڏئي مسئلو حل ڪيو وڃي

ڪراچي (رپورٽر) ڪراچيءَ ۾ پوليس ۽ ميوزڪ ٽيچرز ڇڪرون، پوليس سي ايم ڏانهن وڃڻ جي ڪوشش ڪندڙ چاليهه ڄڻن کي گرفتار ڪري ورتو/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 06



لنڊن: برطانيه ۾ فلسطيني مشن جي عمارت کي سفارتخاني جو درجو ڏيندي جهنڊو لهرايو پيو وڃي

ڪراچي ايڪسپو سينٽر ۾ آءِ ٽي سي اين ايشيا نمائش 23 سيپٽمبر کان شروع ٿيندي

اسلام آباد(بيورو) ٽن ڏينهن واري آءِ ٽي سي اين ايشيا نمائش اڱارو 23 سيپٽمبر کان شروع ٿيندي، جيڪا 25 سيپٽمبر تائين ڪراچي ايڪسپو/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 07

ملڪ مان نواز شريف جون خدمتون ڪڍو ته باقي ڪنڊر بچندا: مريم نواز

ساهيوال لاءِ 30 اليڪٽرڪ بسون آنديون اٿم، جن ۾ ماڻهو باعزت طريقي سان سفر ڪندا، ساهيوال جا ماڻهو جيڪو سفر سو رپين ۾ ڪندا هئا، هاڻي رڳو 20 رپين ۾ ڪندا

بس سروس عورتن، اسپيشل ماڻهن، بزرگن ۽ شاگردن لاءِ مفت هوندي، جڏهن ته بس ۾ اسپيشل ماڻهن لاءِ خاص ريمپ پڻ ٺاهيو ويو آهي

ساهيوال وارا نواز شريف سان ۽ نواز شريف ساهيوال وارن سان پيار ڪري ٿو، ايڪسپريس وي ٺاهيا ته نواز شريف ٺاهيا

ساهيوال (م د) پنجاب جي وزيراعليٰ مريم نواز ٻوڏ متاثرن کي پاڻ لاءِ الله جا مهمان قرار ڏيندي چيو آهي ته حڪومت ٻوڏ ۾ متاثر ٿيندڙ هارين کي في /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 08

وزيراعليٰ پنجاب مريم نواز

سال 2025 ماڊل ڪالوني ٽائون ۾ ڊولپمينٽ جو سال آهي: چيئرمين ظفر احمد خان

ٽائون چيئرمين ظفر احمد خان جو ماڊل ڪالوني ٽائون ۾ جاري ترقياتي منصوبن جو دورو ڪيو

ٽائون چيئرمين کي جاري ڪمن بابت بريفنگ ڏني وئي، جنهن تي هن ڪم جي رفتار کي تيز ڪرڻ تي زور ڏنو

ڪراچي(رپورٽر) ٽائون چيئرمين ظفر احمد خان جو ماڊل ڪالوني ٽائون ۾ جاري ترقياتي منصوبن جو دورو ٽائون چيئرمين ظفر احمد خان، ٽائون /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 09

چيف سيڪريٽري آصف حيدر شاهه سان سينئر مئنيجمينٽ ڪورس جي 42 رڪني وفد جي ملاقات

2025_26 جي ترقياتي پروگرام لاءِ 1,018 ارب رپيا رکيا ويا آهن، شاهراهه ڀٽو، ڪورنگي ڪازوي پل ۽ ڪريم آباد انڊرپاس منصوبا شامل آهن

پوليس سٽارن ۾ سي ٽي ڊي فيوزن سينٽر، سيف سٽي پروجيڪٽ ۽ اي-ڊرائيونگ لائسنس جهڙا نظام آندو پيا وڃن

2025 جي برساتن لاءِ هنگامي منصوبا ۽ وڏي پيماني تي خيما، مڇردانيون ۽ فرسٽ ايڊ ڪٽس ذخيرو ڪيا ويا آهن: پي ڊي ايم اي

ڪراچي (رپورٽر) چيف سيڪريٽري سنڌ آصف حيدر شاهه سان سينئر مئنيجمينٽ ڪورس جي 42 رڪني جي وفد ملاقات ڪئي، ان موقعي تي آءِ جي سنڌ غلام نبي ميمڻ، ايڊيشنل چيف سيڪريٽري گهرو محمد اقبال ميمڻ، چيئرمين پلاننگ /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 10

فوجي عدالتن مان سزا يافتا ڏوهارين کي اپيل جو حق ڏيڻ ۽ ان لاءِ 45 ڏينهن ۾ قانونسازي جو حڪم

عام شهرين جي ڪورٽ مارشل بابت انٽرا ڪورٽ اپيلن جو تفصيلي فيصلو جاري ڪيو ويو، تفصيلي اڪثريتي فيصلو جسٽس امين الدين خان لکيو

سپريم ڪورٽ جي ست رڪني آئيني بينچ انٽرا ڪورٽ اپيلن تي فيصلو ٻڌايو هو جن مان پنج ججن انٽرا ڪورٽ اپيلن کي منظور ۽ ٻن ججن رد ڪيو هو

اسلام آباد (بيورو) سپريم ڪورٽ، فوجي عدالتن جي سزا يافته ڏوهارين کي اپيل جو حق ڏيڻ ۽/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 11

ناصر حسين شاهه طرفان سينيئر صحافي امتياز مير تي قاتلانه حملي جي مذمت

صحافين تي حملو ناقابل برداشت آهي ۽ حق ۽ سچ جي آواز کي دٻائڻ جي ناپاڪ سازش آهي: صوبائي وزير توانائي

سنڌ حڪومت صحافين جي تحفظ ۽ سلامتي لاءِ پرعزم آهي، امتياز مير تي حملو سڄي صحافت ۽ انسانيت تي حملو آهي

واقعي ۾ ملوث ڏوهارين کي جلد قانون جي ڪٺهڙي ۾ آندو ويندو آخر ۾ هن امتياز مير جي جلد صحتيابي لاءِ دعا پڻ ڪئي

ڪراچي (رپورٽر) وزير توانائي سنڌ سيد ناصر حسين شاهه سينيئر صحافي امتياز مير تي قاتلانه حملي جي سخت لفظن ۾ مذمت ڪئي آهي پنهنجي بيان ۾ هن چيو ته صحافين تي حملو ناقابل برداشت آهي ۽ حق ۽ سچ جي آواز کي/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 12

صدر ٽرمپ جي ويجهي ساٿي چارلي ڪرڪ جي زال قاتل کي معاف ڪري ڇڏيو

واشنگٽن (م د) آمريڪي صدر ڊونلڊ ٽرمپ جي ويجهي ساٿي چارلي ڪرڪ جي زال پنهنجي مڙس جي قاتل کي معاف ڪري ڇڏيو. آمريڪي رياست ايريزونا ۾ چارلي ڪرڪ جي ياد ۾ تعزيتي ميڙاڪو ڪوٺايو ويو، جنهن ۾ صدر ٽرمپ پڻ /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 13

گهارو ۾ صوبائي محتسب بابت آگاهي سيمينار جو انعقاد ڪيو ويو

ريجيونل ڊائريڪٽر محتسب ٺٽو هارون احمد خان جي صدارت هيٺ گورنمينٽ بوائز هائر سيڪنڊري اسڪول گهارو ۾ سيمينار جو انعقاد ڪيو ويو

صوبائي محتسب عوام جي جائز شڪايتن جي ازالي لاءِ هميشه ڪوشان ۽ بغير ڪنهن وڪيل جي جلد کان جلد عوام کي انصاف جي فراهمي ۾ پنهنجو ڀرپور ڪردار ادا ڪري رهيو آهي: هارون احمد خان

شهري ڪنهن به صوبائي محڪمي خلاف پنهنجي جائز شڪايت رڳو هڪ سادي ڪاغذ تي موڪلي سگهن ٿا ۽ سندن مسئلي کي جلدي حل ڪرائڻ لاءِ قدم کنيا ويندا

ٺٽو(ها آ): ريجيونل ڊائريڪٽر محتسب ٺٽو هارون احمد خان جي صدارت هيٺ گورنمينٽ بوائز هائر سيڪنڊري اسڪول گهارو ۾ صوبائي محتسب جي اهميت، افاديت ۽ طريقيڪار بابت آگاهي سيمينار جو انعقاد ڪيو ويو ان موقعي تي خطاب /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 14

جمهوري سوچ جي ترجمان
روزاني
Daily
AWAMI SOCH
KARACHI
عوامي سوچ
ڪراچي
چيف ايڊيٽر: حاجي محمد حنيف ميمڻ

چيف ايگزيڪيوٽو
سيد شفقت حسين شاهه

هيءَ اخبار پبلشر محمد حنيف ميمڻ قيوم پرنٽنگ
پريس آءِ آءِ چندريگر روڊ ڪراچي مان ڇپرائي آفيس ٽريڊ
ٽاور روم نمبر 825 مان پڌري ڪئي

چيف ايڊيٽر حاجي حنيف ميمڻ

رابطي لاءِ:
03153327758

ڏنءَ ڏنءَ ڏمڻ واڙ، اڄ پڻ آڳڙين جي:
ٻاري مچ مجاز جو، اوتيائون اڱارَ؛
ڏُوڏا! ٿِيُ مَ ڏارَ، جِمَ ڳچو رُڪُ ڪٽيُون ٿئي.

اڱارو 23 سيپٽمبر 2025ع

ڪنڌڪوٽ ۾ پيش آيل قبيلائي دهشتگردي جو واقعو

ڪنڌڪوٽ سي سيڪشن ٿاڻي جي حد ۾ مليرانڊس هاءِ وي تي پيش آيل واقعي جنهن ۾ ڊومڪي برادري جي هٿياربندن فائرنگ ڪري رٽائرڊ پوليس جمعدار اربيلو بنگوار ۽ گل حسن بنگوار کي قتل ڪري ڇڏيو جڏهن ته علي بخش بنگوار سخت زخمي ٿي پيو اهو ڪو اوچتو واقعو نه آهي، پر سنڌ ۾ قبيلائي دشمنيءَ جو حصو آهي، جنهن جو سلسلو سالن کان هلي رهيو آهي. اهو واقعو سوچڻ لاءِ مجبور ڪري ٿو ته آخر ڪهڙي سماج ۾ اسان جي زندگي گذري رهيا آهيون، جتي انساني رت جي قيمت اوطاقن تي مبارڪن ۽ خوشين ۾ بدلجي وڃي ٿي. سوشل ميڊيا تي وائرل ٿيل وڊيوز، جن ۾ قاتل ڌر پنهنجي هٿياربندن کي مبارڪون ڏئي رهي آهي، اها فقط بي حسي ناهي، پر رت جي بدلي واري سوچ جو خطرناڪ اظهار آهي. اها سوچ جيڪا نه رڳو سنڌ جي امن کي ڳڙڪائي رهي آهي پر ايندڙ نسلن جي مستقبل کي به بارود جي بارودي سرنگهن سان پُري رهي آهي.

ڪنڌڪوٽ جو هي واقعو بنگوار ۽ ڊومڪي برادرين جي وچ ۾ هلندڙ خوني تڪرار جو حصو آهي، جنهن ۾ اڳ ئي عورت سميت نوڄڻا مارجي چڪا آهن ۽ هڪ زخمي ٿي چڪو آهي. ٻڌڻ ۾ اچي ٿو ته اهو جهيڙو بدنام ڌوهاري ببي بنگوار جي قتل واري مخبري واري معاملي تان شروع ٿيو. ان کان پوءِ بنگوار هٿياربندن هٿان پنج ڊومڪي قتل ٿيا ۽ ڊومڪي هٿياربندن هٿان چار بنگوار قتل ٿيا آهن. اهو سوال سنڌ جي ماڻهن لاءِ ڳڻتي جوڳو آهي ته چا حڪومت جو ڪو ڪردار بچيو آهي؟ چا پوليس رڳو لاش کڻڻ ۽ زخمين کي اسپتال پهچائڻ تائين محدود ٿي وئي آهي؟ ڇو ته هر قتل کان پوءِ ساڳيو بيان ٻڌڻ ۾ اچي ٿو: "واقعي ۾ ملوث جوابدارن کي جلد گرفتار ڪيو ويندو." پر نه قاتل گرفتار ٿين ٿا ۽ نه رت وهائڻ وارو سلسلو رڪجي ٿو. معلوم ٿيو آهي ته بنگوار ڊومڪي تڪرار کي ختم ڪرڻ لاءِ ڪجهه ڏينهن اڳ ميڙمنٽ قافلا به ويا هئا، جن کي ٻڌايو ويو ته ٻنهي ڌرين ۾ ڳالهه ٻولهه جي گنجائش موجود آهي. پر تازو پيش آيل ان واقعي ٺاهه واري اميد کي ختم ڪري ڇڏيو آهي.

اسان جي حڪمرانن ۽ حڪومتي ادارن لاءِ هي صورتحال هڪ وڏو سوال آهي. چا هڪ صوبي ۾ قانون جي عملداري قائم ڪرڻ ڏکيو ڪم آهي؟ چا حڪومت فقط شهرن ۾ نظر اچي ٿي ۽ ٻهراڙي وارن علائقن ۾ قبيلائي نظام جو ئي راڄ هلندو رهندو؟ جيڪڏهن اهو ئي نظام آهي ته پوءِ پوليس، عدالتن ۽ حڪومتن جي ضرورت چا آهي؟ سنڌ ۾ هر نئون قبيلائي تڪرار نئين نسل کي تباهه ڪري رهيو آهي. ننڍڙا ٻارجن کي اسڪولن ۾ ويهڻ گهرجن، اهي پنهنجي وڏن جي هٿن ۾ بندوقون ڏسي وڏا ٿي رهيا آهن. ڪنڌڪوٽ جو اهو منظر، جتي اسپتال اندر ئي وارث هٿيار کڻي پهچي ويا ۽ شهر ۾ خوف و هراس پکڙجي ويو، اهو فقط هڪ علائقي جو مسئلو ناهي. اهو سڄي سنڌ جو الميو آهي. جيڪڏهن اڄ به حڪومت ۽ ان جا ادارا سنجيدگي سان قدم نه کڻندا ته سڀاڻي اها ٻاهه هر ڳوٺ ۽ هر شهر کي ساڙي ڇڏيندي. قبيلائي جهيڙن جي بنيادي سببن تي نظر وجهجي ته اها صرف هڪ پرچي تڪرار يا ڪنهن زمين جي قبضي جي ڪهاڻي ناهي، پر سماجي ۽ سياسي بيحسيءَ جو نتيجو آهي. سرداري نظام، جنهن کي قانون کان متاهون اختيار حاصل آهن، اهو ئي رت جي راند کي زنده رکيو ويٺو آهي. سردار پنهنجي ماڻهن کي هٿيار ڏئي بدلي جي سوچ کي هوا ڏين ٿا ان کان علاوه حڪومتي ادارا به پنهنجو ڪردار ادا ڪرڻ بدران اڪثر اهڙن جهيڙن ۾ هڪ ڌر کي تحفظ ڏين ٿا. پوليس جي سياسي وفاداري ۽ اثر رسوخ سبب نه جوابدار گرفتار ٿين ٿا ۽ نه ئي ڪين سزا ملي ٿي..

اسان جي حڪمرانن لاءِ اهو موضوع شايد رڳو اليڪشن مهمن ۾ استعمال ڪرڻ لاءِ هجي ٿو، پر حقيقت ۾ هي مسئلو سنڌ جي بقا جو آهي. جيڪڏهن حڪومتي سطح تي قبيلائي جهيڙن کي ختم ڪرڻ لاءِ سنجيده ڪوششون نه ڪيون ويون ته ايندڙ وقت ۾ قبيلائي دهشتگرد بي قابو بڻجي وڌيڪ خطرناڪ بڻجي ويندا ان لاءِ حڪومت هڪ جامع حڪمت عملي ٺاهي، جنهن ۾ نه فقط هٿياربندن کي گرفتار ڪيو وڃي، پر سرداري نظام جي طاقت کي به محدود ڪيو وڃي. ميڙمنٽن جي بجاءِ حڪومت کي پنهنجو ڪردار ادا ڪرڻو پوندو. عدالتن کي تيز ۽ غيرجانبدار فيصلن ذريعي اهڙن جهيڙن ۾ ملوث ماڻهن کي سخت سزا ڏيڻ گهرجي. اسڪولن، اسپتالن ۽ روزگار جي سهولتن ذريعي ماڻهن کي اهڙي ماحول مان ٻاهر ڪڍڻ جي ضرورت آهي

ڪنڌڪوٽ ۾ بنگوار ۽ ڊومڪي برادرين جو هي تڪرار سنڌ جي ڪيترن ئي علائقن ۾ هلندڙ ساڳين تڪرارن جي عڪاسي ڪري ٿو. شڪارپور، ڪشمور، جيڪب آباد، لاڙڪاڻي ۽ سکر کان وٺي گهوٽڪي تائين ڪيترائي علائقا آهن جتي قبيلائي دشمني ماڻهن کي انساني حيثيت کان محروم ڪري رهي آهي. اسان جي سماج ۾ اها سوچ پيدا ڪرڻ ضروري آهي ته ڪنهن کي قتل ڪرڻ وارو عمل ڪو فخر جوڳو ناهي، ڪو خوشي جهڙو ڪارنامو ناهي. ان لاءِ تعليمي ادارن، ميڊيا، سياسي پارٽين ۽ سماجي تنظيمن کي گڏجي جدوجهد ڪرڻي پوندي. جيڪڏهن اسان خاموش رهنداسين ته ايندڙ وقت اسان لاءِ تباهه ڪن ثابت ٿيندو.

پاڪ-سعودي معاهدي جو مستقبل

اعجاز منگي

انگريز اديب چارلس ڊڪنس جو سڀ کان وڌيڪ مشهور ناول A Tale of Two Cities يعني "ٻن شهرن جي ڪهاڻي" آهي. اهو ناول فرينچ انقلاب سبب ارڙهين صديءَ واري انگلينڊ جي مٿان پوندڙ سياسي ۽ سماجي اثرن جي پسمنظر کي پيش ڪري ٿو. اهو ناول جنهن جي پلاٽ تي ڪيترين ئي ڪامياب ۽ ناڪام فلمون ٺهيون. اهو ناول جيڪو نه صرف انگلينڊ پر پاڪستان جي ڪاليجن جي سيليبس ۾ شامل رهيو. ۽ شايد ان ڪري ئي گهڻو پڙهو ۽ گهٽ پڙهيو ويو.

ان ناول جي ابتدا چارلس ڊڪنس انهن لفظن سان پيش ڪري ٿو ته: "اهو هڪ بهترين وقت هو. اهو هڪ بدترين وقت هو. اهو دانائيءَ جو دور هو. اهو هڪ حماقت جو دور هو. اهو ايمان سان ڀرپور زمانو هو. اهو اعتبار کان خالي زمانو هو. اها روشنيءَ جي موسم هئي. اها تاريڪي جي موسم هئي. اها اميدن جي بهار هئي. اها مايوسيءَ جي سرءُ هئي".

چا وسامي ويل سرد جنگ جو دور به ڪجهه اهڙي قسم جو نه هو؟ خاص طور تي ان جنگ جو سٺ ۽ ستر وارو اهو ڏهاڪو جنهن ۾ نه صرف پوري دنيا ۾ قومي ۽ طبقاتي تحريڪون ٻيلي جي باهه وانگر ٻرنديون نظر اينديون هيون پر خود اسان جي ديس جي شاعريءَ ۾ ان آگ جا شعلا انهن شعرن جي صورت نظر ايندا هئا:

"پيڙو آهي پنيرڪو، چر، چراٽو، چرڪو
آجو ٿيندو هر ڪو، هر مزدور ڪسان"

اعتبار ۽ بي اعتباريءَ واري ان دور کي جنهن هنڌان به ڏٺو وڃي، ان ۾ ڪنهن نه ڪنهن معنيٰ ۽ ڪنهن نه ڪنهن مقصد جي خوبصورت جوت اٿين جلندي نظر اچي ٿي، جيئن ڪنهن اڪيلي ڪمري ۾ اداس ميڻ بتي ۽ ڪنهن گمنام غار ۾ غصي جيان جلندڙ مشعل!

زمستاني موسم جهڙي رومانٽڪ ۽ روح ۾ پيهي ويندڙ سخت سرد هوا واري ان سرد جنگ جي دور ۾ صرف ايشيا ۽ آفريڪا جون قومي تحريڪون ڳاڙها جهنڊا کڻي "انٽرنيسنال" نه ڳائينديون هيون پر ان دور ۾ وچ اوڀر جا عرب ملڪ مصر جي جمال عبدالناصر پاران سامراج مخالف ۽ سيڪيولر عرب قومپرستيءَ جو اڀار ٻن بلاڪن جي وچ واري دنيا جي وچ ۾ هڪ الڳ ٽلڳ فارم وجود ۾ آڻڻ جي ڪوشش ڪري رهيو هو؟ ذوالفقار علي ڀٽي پاران سرمائيدار ۽ سوشلسٽ بلاڪن وچ ۾ اسلامي دنيا جو قيام جواهر لال نهروءَ جي نان الائينڊ تحريڪ جو اسلامي ترجمو هو؟

ممڪن آهي ته ائين هجي ۽ ممڪن آهي ته ائين نه هجي. ڇو ته اهو اعتبار سان چلڪندڙ ۽ بي اعتباريءَ سان ڀريل هڪ اهڙو دور هو جنهن ۾ لفظن جي لڄ سلامت هئي. جڏهن ڪوئي ايماندار اڳواڻ انقلابي جوش سان تقرير ڪندو هو ته ٻڌڻ وارن جي رڳن ۾ رت مستن جيان رقص ڪرڻ لڳندو هو. سٺ جو سفاڪ ڏهاڪو ڪراس ڪري جڏهن ايشيا ستر جي پراميد دور ۾ قدم رکيو، تڏهن اسرائيل ايترو پختو ۽ عرب ايترا ڪمزور نه هئا. ان دور ۾ تيل جي دولت سبب عرب دنيا جون ويران واديون آباد ٿيڻ لڳيون هيون. ان دور ۾ پاڪستان پنهنجي ٽٽل وجود جا پرزا ميڙي سهيڙي ذوالفقار علي ڀٽي جي قيادت ۾ ترقيءَ جي جنهن راهه تي هلڻ لڳو هو، ان ۾ مايوسيءَ جو ته دور دور تائين نالو نشان به نه هو. هي اهو وقت هو جڏهن پاڻ ۾ وڙهيل مسلمان ملڪ به اسلامي سربراهي ڪانفرنس ۾ ڪٺا ٿيا هئا. انهن ڪانفرنس ۾ شريڪ امير ملڪن جي سربراهن کي معلوم هو ته هو دولت ۽ طاقت کي مسلم ڀائيچاريءَ جي بنياد تي هڪ اهڙي مضبوط صورت ڏئي رهيا آهن، جيڪا عام طور تي اسلامي دنيا ۽ خاص طور تي عرب ملڪن جي چوگرد تحفظ جي سلسلي ۾ ديوارِ چين جهڙو ڪردار ادا ڪندي.

اسلامي بلاڪ جي سادي تشريح اها هئي ته عرب ملڪن جي تيل جي طاقت ۽ پاڪستان جو ايٽمي پروگرام پاڻ ۾ ملي هڪ اهڙي دنيا ٺاهيندا، جنهن طرف ڪنهن دشمن جي ميري اک سان ڏسڻ جي جرئت نه ٿيندي. جيتوڻيڪ ان قافلي ۾ لبيا جو نوجوان ليڊر ڪرنل قذافي ۽ شام جو تمام ذهين حڪمران حافظ الاسد به شامل هئا پر اسپاٽ لائيٽ ته پوءِ به پاڪستان جي زيڊ اي ڀٽو ۽ سعودي عرب جي شاهه فيصل مٿان هئي. پاڪستان ۽ سعودي عرب جي عظيم اتحاد جي اميد پلي ڪيتري به قديم چو نه هجي پر عملي طور تي ٻن ملڪن جي وچ ۾ گڏيل تعاون ۽ گڏيل تحفظ لاءِ عملي قدم انهن اڳواڻن کنيا هئا، جيڪي قتل ڪيا ويا ۽ انهن جي انجامن کي هن مهل تائين مختلف سبب ۽ ساڳين مفادن جي تڪميل واري سازشي نظرئي جي حوالي سان به ڏٺو ويندو آهي.

پاڪستان ۽ سعودي عرب جي وچ ۾ هلندڙ هفتي دوران ٿيل دفاعي معاهدو ان سڌ جو پڙاڏو آهي، جيڪو سرد جنگ جي دور ۾ ڏنو ويو هو؟ چا اهو معاهدو اسرائيل پاران قطر جي مٿان ٿيل اسرائيلي حملي جي نتيجي ۾ هنگامي طور تي ڪيو ويو؟ چا ملڪن جي وچ ۾ اهڙا معاهدا ايترا جلد ٿي سگهندا آهن؟ ممڪن آهي ته قطر مٿان اسرائيلي حملي سبب ان معاهدي جي اعلان ۾ ڪنهن حد تائين تيزي آئي هجي پر هڪ اهڙو معاهدو جنهن جي خبر عالمي ميڊيا ۾ هن مهل تائين گونجي رهي آهي، ان جي هر پاسي کي مڪمل ڌيان سان ڏسڻ ۽ نقصانن توڙي فائدن کي هر سطح تي ڏسڻ کان سواءِ اهڙي معاهدي جو ڀرپور اعلان ڪئين ڪيو ويو هوندو. جنهن معاهدي تي صرف اسرائيل لاءِ تشويش جا سبب پيدا نه ٿيا آهن پر آمريڪا کان وٺي انڊيا تائين ان معاهدي ۾ هر ملڪ پنهنجي مفاد مٿان پيل پاڇي جو جائزو وٺي رهيو آهي. چا انهن ملڪن ۾ اهو ايران نه هوندو، جيڪو تازو آمريڪي ۽ اسرائيلي حملن کان پوءِ ڪا معنيٰ ڀري ماٺ اختيار ڪري ويٺو آهي. ان معاهدي سبب يمن ته يمن پر ترڪي جهڙو ملڪ به ڪيترن ئي پهلوئن ۽ پاسن تي سوچيندو هوندو. جڏهن افغانستان جي عالمي سطح تي قبول نه ڪئي ويندڙ حڪومت به اهڙي معاهدي سبب پاڻ تي پوندڙ امڪاني اثرن جو جائزو وٺي رهي آهي ته چا آمريڪا ۽ مغرب مخالف نئون ورلڊ آرڊر ٺاهڻ جي ڪوشش ڪندڙ روس، چين ۽ ڪوريا اهڙي اتحاد کي غير اهم سمجهڻ جي غلطي ڪري سگهن ٿا؟

پاڪستان ۽ سعودي عرب جي وچ ۾ تحفظ جو اهو معاهدو ٻين عرب رياستن کي پنهنجي ويجهو آڻڻ ۾ ڪيتري حد تائين ڪامياب ٿئي ٿو؟ اهو سوال پيدا ٿيڻ ته فطري آهي پر ان سوال کان وڌيڪ اهم سوال اهو آهي ته ان دفاعي اتحاد جا وچ اوڀر جي حوالي سان اسرائيل ۽ ڏکڻ ايشيا جي حوالي سان ڀارت مٿان ڪهڙا اثر پوندا؟ عام طور تي پوري دنيا جا مسلمان سياسي مبصر ۽ خاص طور تي عرب دنيا جا ذهين دانشور ڪجهه وقت کان وٺي ان تي اصرار ڪري رهيا آهن ته ڪنهن به طرح سان مسلم دنيا جو نشانو پورو اسرائيل نه پر صرف نيتن ياهو ۽ هن جي حڪومت هجڻ گهرجن ۽ ساڳي طرح سان هن مهل پاڪستان جي آڏو به اها صلاح پيش ڪئي پئي وڃي ته هو ڀارت بدران پنهنجي مخالفت صرف نريندر موديءَ تائين محدود رکي. هن مهل ته عالمي سطح تي وچ اوڀر ۾ ٿيندڙ هر سرگرميءَ مٿان نظر رکندڙ سياسي دماغن ۾ اهو خدشو پيدا ٿيڻ جا سبب تلاش ڪري رهيو آهي ته چا پاڪستان ۽ سعودي عرب وچ ۾ دفاعي معاهدي سبب ڀارت ۽ اسرائيل پاڻ ۾ قربت وڌائيندا؟ ٿيڻ لاءِ ته دنيا ۾ ڪجهه به ٿيو آهي ۽ ڪجهه به ٿي سگهي ٿو پر پاڪستان کي پريشان ڪرڻ لاءِ ۽ ڪجهه ملڪن مٿان پريشر وجهڻ لاءِ ڀارت اسرائيل سان پاڪ سعودي طرز جو ڪو معاهدو ڪرڻ به چاهي، تڏهن به هن لاءِ عملي طور تي اهو ممڪن نه هوندو. جيتوڻيڪ را ۽ موساد جا پاڻ ۾ تمام گهرا ۽ گهاٽا ناتا آهن. ڪشمير ۾ ڀارتي ڪارروائين ۾ موساد صرف صلاحن تائين محدود ناهي. پر جيڪڏهن ڀارت پنهنجي روايتي دشمن ملڪ سان مقابلو ڪرڻ لاءِ اسرائيل سان اتحاد جو قدم کڻي ٿو ته پوءِ انهن لکين ڀارتين جو ڇا ٿيندو. جيڪي عرب دنيا ۾ ٽڙيل پکڙيل آهن. جيڪي وڏين پگهارن وارين ملازمتون ڪري رهيا آهن. جن پاران ايندڙ ناڻو ڀارتي معيشت لاءِ تمام اهم آهي. اهو معاهدو آمريڪا لاءِ ڪيتري حد تائين قابل قبول هوندو؟ ان جو جواب جلد منظرعام تي اچي ويندو.

سياست جي عالمي تاريخ اسان کي سادي ٻوليءَ ۾ اهو ٻڌائي ٿي ته عمل، وڏو عمل سون سوالن جو جواب هوندو آهي. پر پاڪ سعودي دفاعي معاهدو هڪ اهڙو عمل آهي، جنهن سبب پراڻن سوالن کي ته جواب نه مليا آهن پر تمام گهٽ تعداد ۾ اهي نوان سوال ضرور پيدا ٿيا آهن. جن ۾ گهيري ۾ صرف ميڊيا نه پر انهن معاهدو ڪندڙ ملڪن جا حڪمران به شامل آهن. ان معاهدي کان پوءِ سڀ کان پهريون سوال اهو پيدا ٿيو ته اهو معاهدو ڪنهن جي خلاف آهي؟ اسرائيل ۽ ايران جي سلسلي ۾ ايندڙ سوالن کان ڪجهه پري اهو سوال به پيدا ٿي رهيو آهي ته چا ان معاهدي جو اصل مقصد سعودي عرب مٿان تحفظ لاءِ رکيل اها ايٽمي ڇٽي آهي، جيڪا ڪنهن سعودي مخالف ملڪ لاءِ "هوشيار باش" جي هوڪي جو باعث بڻجي سگهي ٿي. پاڪ سعودي دفاعي معاهدي کي نيٽو سان ڀيٽڻ ممڪن آهي ته درست نه هجي پر "هڪ ملڪ مٿان حملو ٻي ملڪ مٿان حملو" هجڻ واري ان معاهدي جي حوالي اسرائيل يا ڀرپاسي واري ڪنهن ٻي ملڪ پاران سعودي عرب مٿان امڪاني حملي جي جواب ۾ پاڪستان جي عسڪري طاقت ته جواب لاءِ تيار ٿي ويندي پر پاڪ ڀارت امڪاني جنگ جي نتيجي ۾ سعودي عرب جي جديد جنگي ٽيڪنالاجي اسان جي ملڪ جي مدد ڪرڻ لاءِ ڪيتري حرڪت ۾ ايندي؟ اهو سوال سعودي عرب ۾ ته پر پاڪستان ۽ ڀارت ۾ باهه جي شعلي وانگر ڀڙڪي رهيو آهي.

پاڪ سعودي معاهدي سبب سوين سوال ۽ هزارين ميم پيدا ٿي پيا آهن. سوشل ميڊيا تي اهي شرارتون هن مهل تائين جاري آهن ته هڪ ملڪ مٿان ٿيل حملو جيڪڏهن ٻي ملڪ مٿان حملو آهي ته پوءِ هڪ ملڪ مٿان پيل قرض ٻي ملڪ مٿان پيل قرض چو نه سمجهيو وڃي!!؟ هن ميڊيا ۾ ڪنهن ڌماڪي وانگر گونجندڙ ان معاهدي جو مستقبل ڪهڙو هوندو؟ پاڪستان جي داخلي بحران ۽ عالمي چڪتاڻ ۾ اهو معاهدو ڪنهن جي حق ۽ ڪنهن جي خلاف ثابت ٿيندو؟ ان جو تجزيو ان وقت تائين ته ممڪن ئي ناهي، جيستائين ان معاهدي جا مڪمل تفصيل منظرعام تي نه ٿا اچن!!

*****

آپگهات جو وڌندڙ لاڙو، آگاهيءَ ۽ ترت اُپاءَ جي ضرورت

حسن پناڻ

گذريل هفتي "پنهنجي اخبار" ۾ هڪ سروي رپورٽ شايع ٿي آهي، جيڪا سنڌ ۾ خودڪشيءَ جي وڌندڙ واقعن بابت هئي. رپورٽ ۾ ٻڌايو ويو آهي ته اٺن مهينن ۾ 383 معصوم انسانن پنهنجي زندگيءَ جو انت آندو آهي. انهيءَ رپورٽ کي پڙهي محسوس ڪري سگهجي ٿو ته سنڌ اڄ هڪ اهڙي الميي واري صورتحال ۾ آهي، جنهن جو تصور به رُوح کي ڪنبائي ڇڏي ٿو. اهي زندگيون، جيڪي پنهنجن گهرن لاءِ خوشين جو سرچشمو بڻجي ٿي سگهيون، انهن پنهنجن ئي هٿن سان پنهنجي زندگيءَ جي ڏيئي کي اجهائي ڇڏيو! هي ڳاڻيٽو رڳو انگ اکر نه آهن، پر هر هڪ انگ جي پٺيان هڪ ڪهاڻي آهي، هڪ گهر جي بربادي جي ڪهاڻي، هڪ ماءُ جي درد جي ڪهاڻي، هڪ ٻار جي يتيميءَ جي ڪهاڻي ۽ هڪ سماج جي بي حسيءَ جي ڪهاڻي. جڏهن ڪنهن انسان کي زندگيءَ کان وڌيڪ موت آسان لڳي، تڏهن اهو سماج لاءِ سڀ کان وڏو سوال ڪُرڪٽي بيهي ٿو ته آخر اسان جو معاشرو ڪهڙي طرف وڃي رهيو آهي.

آپگهاتن جا ڪارڻ صرف ذاتي ڏک نه پر سماجي ۽ معاشي زنجير به آهن، جن سان ماڻهو جڪڙيل آهن. اهڙي طرح بيروزگاري سڀ کان وڏو سبب آهي. هڪ نوجوان تعليم حاصل ڪري ڪاميابين جا خواب ڏسي ٿو پر جڏهن روزگار جا در بند ڏسي ٿو تڏهن سندس حوصلو ڀڄي ڀُري ٿو پوي. مهانگائيءَ جي باهه ۾ جڏهن گهر جو چلهو به مشڪل سان ٻري، ٻارن جا هٿ خالي ڏسي، مائرن جا منهن اجڙي وڃن ٿا، تڏهن زندگيءَ جي معنيٰ متجي وڃي ٿي. اهڙي طرح خودڪشين جي ٻين سببن ۾ گهريلو پريشانيون به شامل آهن. ننڍن ننڍن جهيڙن جهٽڻ، تشدد ۽ ڪٽنب جي بي رحميءَ سبب ماڻهو نفسياتي طور مونجهارن جو شڪار ٿي وڃن ٿا. ڪيترين عورتن لاءِ گهر ئي قيدخانو بڻجي وڃي ٿو، جتي هو پنهنجن احساسن کي قتل ڪندي آخرڪار پنهنجي زندگي جو ڏيئو به اُجهائي ڇڏين ٿيون. رڳو عورتون ئي نه پر ٻار به انهن ڏکن جي باهه ۾ سڙن ٿا. تعليمي دٻاءُ، غربت، ۽ والدين جي وچ ۾ تڪرار انهن کي نااميديءَ جي ڪناري تي پهچائي ٿو. جڏهن ته سماج ۾ رڳو امتحانن ۾ ناڪاميءَ کي به "زندگيءَ جي ناڪامي" تصور ڪيو وڃي ٿو تڏهن معصوم دلين لاءِ دنيا ڳري ٿي پوي.

ان کان به وڌيڪ ڏکوئيندڙ ڳالهه اها آهي ته اسان جو سماج اڃا تائين ان الميي کي سنجيدگيءَ سان وٺڻ لاءِ تيار ئي نه آهي. ڪنهن به واقعي کان پوءِ خبرن ۾ رڳو هڪ ٻه سٽون اچي وڃن ٿيون، ڪجهه ڏينهن ماڻهو ان تي ڳالهيون ڪن ٿا، پر پوءِ ٻيهر خاموشي ڇانئجي وڃي ٿي. سرڪاري سطح تي به ڪا جامع حڪمت عملي نظر نٿي اچي. آگاهي مهم، نفسياتي سهائتا، يا بحاليءَ جا ادارا موجود ناهن. پوليس رڳو اهڙن واقعن کي آپگهات قرار ڏئي "ڪيس بند" ڪرڻ تائين محدود رهي ٿي. ڪنهن شخص جي خودڪشيءَ جا نه ته سبب ڳوليا وڃن ٿا، نه ئي اهڙن واقعن کان بچاءُ لاءِ ڪا منصوبا بندي ڪئي وڃي ٿي. جڏهن ته سبب ڳولهڻ سان آپگهات جا واقعا گهٽجي سگهن ٿا. پر افسوس سان چوڻو ٿو پوي ته اهڙا ڪيترائي واقعا آهن، جنهن ۾ لکيل پڙهيل ڇوڪريون يا نوجوان پنهنجي مرضيءَ خلاف شاديءَ يا سماجي دٻاءَ سبب آپگهات ڪن يا ڪين قتل ڪري آپگهات جو رنگ ڏنو وڃي ٿو. سماج، خاندان جا فرد ۽ ڪڏهن ڪڏهن طاقتور ڌريون پڻ اهڙن واقعن جون ذميوار هونديون آهن. جيڪڏهن انهن معاملن جي سنجيدگيءَ سان تحقيقات ڪئي وڃي ۽ ذميوارن خلاف ڪارروائي ڪئي وڃي ته جيڪي ڇوڪرين ۽ نوجوانن کي موت جي منهن ۾ ڌڪي ٿا ڇڏين، يا قتل ڪري واقعي کي آپگهات جو نالو ڏيئي فائيل بند ڪرائين ٿا ته اڌ کان وڌيڪ آپگهاتن کي روڪي سگهجي ٿو. ان کان به وڌيڪ خطرناڪ ڳالهه اها آهي ته ڪيترا واقعا پوليس جي ابتدائي رپورٽ ۾ ئي آپگهات قرار ڏئي فائيل بند ڪيا وڃن ٿا، بغير ڪنهن سنجيده جاچ، فارينسڪ اداري يا سائيڪالوجيڪل جاچ جي. اهڙو رويو صرف پوليس جي جاچ ۽ عدالتي نا انصافيءَ جو مظهر ناهي پر اهو سماجي ڀروسو ٽوڙڻ وارو عمل به آهي. جڏهن ماڻهن کي يقين ئي نه رهي ته حق، انصاف ۽ تحقيق موجود آهي، تڏهن گهڻا ماڻهو انصاف جي تلاش ڇڏي پنهنجي مرضيءَ سان فيصلا ڪرڻ تي مجبور ٿي وڃن ٿا. جيڪو عمل گهڻو ڪري وڌيڪ الميَن کي جنم ڏئي ٿو.

هر اهڙي واقعي جي مڪمل جاچ لازمي هجڻ گهرجي، جتي موت جي حالت ۾ ڪو به شڪ هجي. فارينسڪ اداري، نفسياتي ماهرن ۽ سماجي ماهرن جي گڏيل ٽيم ذريعي حادثي يا قتل جي حقيقت جاچي وڃي. پوليس کي مايوس ڪندڙ ابتدائي فيصلن کان روڪڻ لاءِ نگراني ۽ رپورٽنگ جو ميڪنيزم هجڻ گهرجي. اهڙي طرح ميڊيا کي واقعو صرف سنسني خيز خبر جي حيثيت سان پيش نه ڪرڻ گهرجي، پر ان کي سماجي مسئلي جي طور تي رپورٽ ڪري حل جا رستا ڏيکارڻ گهرجن. آپگهات جا تفصيلي انگ اکر ۽ رپورٽون عام ڪيون وڃن، جتي آپگهات جا ڪيس وڌيڪ رپورٽ ٿين، اتي ان سنگين مسئلي جي حل لاءِ ضروري وسيلن ۽ آگهي پروگرامن جو اهتمام ڪيو وڃي.

اسان جي سماج ۾ نفسياتي مسئلن کي بيماري نه پر "ڪمزوري" سمجهيو وڃي ٿو. ماڻهو ڊاڪٽر وٽ وڃڻ بدران خاموشي سان ڏکن ۾ سڙندا رهن ٿا. نفسياتي ماهرن تائين رسائي تمام گهٽ آهي، ۽ جيڪي آهن به سي يا ته مهانگا آهن يا ماڻهن وٽ آگاهي ئي نه آهي. اهڙي ماحول ۾ جڏهن ڪنهن جي دل ٽٽي ٿي پوي، تڏهن ان وٽ آپگهات کان سواءِ ٻيو رستو ئي نٿو بچي. جيڪڏهن سنڌ ۾ هر ضلعي سطح تي نفسياتي سهائتا جا مرڪز هجن ها، جيڪڏهن اسڪولن ۽ ڪاليجن ۾ آگاهيءَ جا پروگرام هلن ها، ته شايد ڪيترائي چراغ وسامڻ کان بچي وڃن ها. حڪومت جو پهريون فرض آهي ته انساني زندگين کي بچائڻ لاءِ فوري قدم کڻي. بيروزگاريءَ کي گهٽائڻ لاءِ روزگار جا موقعا پيدا ڪيا وڃن، مهانگائيءَ کي ڪنٽرول ڪرڻ لاءِ حقيقي پاليسيون ٺاهيون وڃن، ۽ هر ضلعي ۾ "بحالي مرڪز" قائم ڪيا وڃن، جتي ماڻهن کي نفسياتي ۽ سماجي سهائتا ملي سگهي.

آپگهات جي وڌندڙ واقعن کي روڪڻ لاءِ سماج ۾ هر ماڻهوءَ کي پنهنجو ڪردار ادا ڪرڻو پوندو. پاڙي ۾ جيڪڏهن ڪو ماڻهو ڏکن ۾ مبتلا هجي، ته ان سان ڳالهائڻ، ساٿس ويهڻ ۽ ان کي ٻڌڻ سان هڪ وڏي مدد ٿي سگهي ٿي. اسان کي پنهنجي ٻارن کي سيکارڻو آهي ته ناڪامي زندگيءَ جي پڄاڻي نه آهي. زندگيءَ جي هر ڏک ۾ به اميد جو دامن ناهي ڇڏڻو. اڄ ضرورت آهي ته اسان انهن اميدن کي ٻيهر زنده ڪريون، محبت ۽ ساٿ جو هٿ وڌايون، ۽ سماج ۾ اهڙو ماحول پيدا ڪريون، جتي هر ماڻهو پاڻ کي محفوظ ۽ قدرجوڳو سمجهي. سنڌ ۾ 383 آپگهاتن جو انگ اسان سڀني لاءِ هڪ وڏي تنبيهه آهي. جيڪڏهن اسان اڄ به نه جاڳنداسين ته ايندڙ مهينن ۽ سالن ۾ هي انگ وڌي سگهي ٿو. اها رڳو حڪومت جي ذميواري ناهي، پر اسان سڀني جي ذميواري آهي ته زندگيءَ کي بچائڻ لاءِ اڳتي وڌون. زندگيءَ کان قيمتي ڪا به شيءِ ناهي. هڪ انسان بچائڻ، پوري سماج کي بچائڻ برابر آهي. اچو ته پنهنجي ڌرتيءَ کي ٻيهر زندگيءَ جي خوشبوءِ سان واسي ڇڏيون. اچو ته پنهنجن دوستن، ڀائرن، ڀينرن ۽ ٻارن کي ٻڌايون ته هو اڪيلا ناهن، سندن ڏک اسان جا ڏک آهن، سندن ڏک سماج جا ڏک سور آهن، جيڪي اسين گڏجي حل ڪنداسين.

بقايا ✻++✻++ 01

جي ڪوشش آهي ته هڪ هفتي اندر ان پل کي مڪمل ڪري عوام لاءِ کولي ڏنو وڃي. سينيئر وزير شرجيل انعام ميمڻ ڪراچي ۾ يلولائين بي آر ٽي جي اهم حصي تاج حيدر پل جو دورو ڪري تعميراتي ڪم جو جائزو ورتو. ان موقعي تي سيڪريٽري ٽرانسپورٽ اسد ضامن ۽ يلولائين بي آر ٽي جو پروجيڪٽ ڊائريڪٽر ضمير عباسي به ساڻس گڏ هئا. ميڊيا سان ڳالهائيندي شرجيل انعام ميمڻ چيو ته ڪراچي جي عوام کي پاڪستان پيپلزپارٽي جي سنڌ حڪومت جديد سفري سهولتون فراهم ڪري رهي آهي. هن ٻڌايو ته هن هفتي عورتن لاءِ خاص طور تي "پنڪ اسڪوٽرز" مفت ۾ ڏنيون وينديون ته جيئن هوءَ پنهنجي سفري ضرورتون آسانيءَ سان پوريون ڪري سگهن. وڌيڪ ڪجهه هفتن ۾ ڊبل ڊيڪر بسون ۽ برقي بسن جو ٻيو ٻيڙو به ڪراچي پهچي ويندو شرجيل انعام ميمڻ ٻڌايو ته صدر آصف علي زرداري جي تازي چين دوري دوران اهم ملاقاتون ٿيون، جن ۾ سنڌ اندر برقي ۽ عام بسن جي تياري لاءِ ڪارخانا قائم ڪرڻ تي ڳالهه ٻولهه ٿي. ان سان نه رڳو شهرين کي جديد سفري سهولتون ملنديون پر مقامي سطح تي روزگار جا موقعا به پيدا ٿيندا. هن چيو ته ڊابيجي اسپيشل اڪنامڪ زون ۾ چيني سيڙپڪارن وڏي دلچسپي ڏيکاري آهي، جتي نيون صنعتون لڳڻ سان نوجوانن لاءِ روزگار پيدا ٿيندو صدر زرداري خاص طور تي زور ڏنو ته ملڪ جي معيشت کي بهتر ڪرڻ لاءِ وڌيڪ کان وڌيڪ صنعتون قائم ڪيون وڃن ۽ مقامي ماڻهن کي چين ۾ تربيت ڏئي روزگار جي قابل بڻايو وڃي. هڪ سوال جي جواب ۾ شرجيل انعام ميمڻ چيو ته وڏن منصوبن ۾ گهڻو ڪري يوٽيليٽيز جي منتقلي جهڙا مسئلا سامهون ايندا آهن. ريڊ لائين منصوبي ۾ به اهڙين ئي ڏکيائين پيش آيون هيون. بي ٽي سي ايل ۽ ڪي اليڪٽرڪ ڪروڙين رپيا خرچ ڪرڻ سبب ترقي جي رفتار متاثر ٿي. حڪومت مسلسل ادارن سان رابطو ۾ آهي ۽ سيڪريٽري کي هدايت ڏني وئي آهي ته ڪي اليڪٽرڪ سان موجوده تڪرار 24 ڪلاڪن اندر حل ڪيو وڃي. هن وڌيڪ چيو ته سينيٽر تاج حيدر پل جي افتتاح کان پوءِ جام صادق پل کي ڊاهي جديد طرز تي ٻيهر تعمير ڪيو ويندو جنهن ۾ پيدل هلندڙن، سائيڪل سوارن ۽ موٽرسائيڪل سوارن لاءِ الڳ الڳ ٽريڪ ٺهندا ته جيئن شهرين کي محفوظ ۽ آرامده سهولت ملي. صحافي امتياز مير تي حملي بابت سوال تي شرجيل انعام ميمڻ ٻڌايو ته سنڌ حڪومت فوري ڪارروائي ڪئي آهي. ايف آءِ آر داخل ٿي رهي آهي ۽ ذميوارن کي گرفتار ڪيو ويندو. هن زخمي صحافي لاءِ نيڪ تمنائون ظاهر ڪيون ۽ چيو ته حڪومت مڪمل سهڪار ڪندي. ٽرانسجينڊر ماڻهن جي قتل بابت ڳالهائيندي شرجيل انعام ميمڻ چيو ته اهي انفرادي نوعيت جا واقعا آهن. جن جي جاچ جاري آهي. هن واضح ڪيو ته حڪومت ڪنهن به صورت ۾ ڏوهارين کي معاف نه ڪندي. هن ٻڌايو ته صدر آصف علي زرداري جي چين دوري دوران توانائي، زراعت ۽ سالڊ ويسٽ مينيجمينٽ جي شعبن ۾ به تفصيلي ڳالهه ٻولهه ٿي، جيڪا نهايت ڪامياب رهي. ايندڙ وقت ۾ انهن شعبن ۾ وڏا منصوبا شروع ڪيا ويندا. پنجاب جي هڪ صحافي جي طرفان نازيبا ٻولي استعمال ڪرڻ تي شرجيل انعام ميمڻ افسوس جو اظهار ڪيو. هن چيو ته پاليسين تي اختلاف ٿي سگهي ٿو پر پوري برادري کي نشانو بڻائڻ جو ڪنهن کي به حق ناهي. هن زور ڏنو ته سياسي اختلافن بدران هن وقت ضرورت آهي ته سيلاب متاثرن جي مدد ڪئي وڃي. وفاقي حڪومت جي گندم پاليسي تي تنقيد ڪندي شرجيل انعام ميمڻ چيو ته جيڪڏهن صدر آصف علي زرداري جي صلاح تي آبادگارن کي سپورٽ پرائيس ڏني وڃي ها ته اڄ پاڪستان کي اربين رپيا خرچ ڪري گندم درآمد نه ڪرڻي پوي ها. سنڌ ۾ اڃا تائين 12 لک ٽن گندم موجود آهي پر وفاقي حڪومت پنهنجي آبادگار کان مناسب اگهه تي خريد ڪرڻ لاءِ تيار ناهي. هن چيو ته هي زرعي ملڪ آهي ۽ آبادگار کي سهارو ڏيڻ ئي معيشت کي مستحڪم ڪرڻ جو واحد رستو آهي. پنجاب ۾ سيلاب بابت ڳالهائيندي هن چيو ته جيڪڏهن بهتر منصوبا بندي ڪئي وڃي ها ته تباهيءَ جي حد محدود ٿي سگهي ٿي، پر ناتجربيڪاري سبب نقصان وڌي ويو. سنڌ ۾ وزيراعليٰ پاڻ مانيٽرنگ ڪري رهيا هئا ۽ ڪنٽرول روم قائم ڪيو ويو، جنهن جي ڪري نقصان گهٽجي ويو.

بقايا ✻++✻++ 02

اڊيالا جيل ۾ ٿي جنهن دوران پي ٽي آءِ باني عمران خان ۽ سندس گهرواري بشريٰ بي بي کي عدالت جي ڪمري ۾ پيش ڪيو ويو. ٻڌڻي دوران نيب آفيسر محسن هارون، اسسٽنٽ ڊائريڪٽر ايف آءِ اي شاهد پرويز جو بيان قلمبند ڪيو ويو. ٻنهي گواهن جي بيانن تي 24 سيپٽمبر تي وڪيل صفائي جرح ڪندا. ٽرائل ۾ استغاثه جي سمورن گواهن جا بيان رڪارڊ ٿي چڪا آهن. وڌيڪ ڪوئي گواهه پيش نه ڪيو ويندو. ڪيس ۾ ڪل 20 گواهن جون شهادتون قلمبند ڪيون ويون آهن. ڪيس ۾ 18 گواهن جي بيانن تي جرح به مڪمل ڪئي وئي آهي. ٻڌڻي جي دوران پي ٽي آءِ باني ۽ بشريٰ بي بي کي جيل مان عدالت ۾ پيش ڪيو ويو ٻڌڻي جي دوران عمران خان جون ٽي ڀينرون، بشريٰ بي بي جي ڀيڻ مهرالنساءِ احمد به عدالت جي ڪمري ۾ موجود هيون. ٻڌڻي ۾ سينيٽر مشال يوسفزئي ۽ سينيٽر علي ظفر به موجود هئا ٻڌڻي دوران وڪيل صفائي ارشد تبرين ظهير چوڌري به عدالت ۾ موجود هئا. اسپيشل پبلڪ پراسيڪيوٽر ايف آءِ اي ذوالفقار عباس نقوي، عمير مجيد ملڪ استغاثه طرفان پيش ٿيا. ڪيس جي ٻڌڻي اسپيشل جج سينٽرل شاهه رخ ارجمند اڊيالا جيل ۾ ڪئي. ڪيس جي ٻڌڻي 24 سيپٽمبر تائين ملتوي ڪئي وئي.

بقايا ✻++✻++ 03

مسئلا ايجنڊا تي اهم هوندا. پرڏيهي آفيس جي ترجمان موجب، جنرل اسيمبلي جو اعليٰ سطحي اجلاس 22 کان 26 سيپٽمبر تائين منعقد ٿيندو جنهن ۾ پاڪستاني وفد جي اڳواڻي وزيراعظم شهباز شريف ڪندو. وزيراعظم گڏيل قومن ۾ والاريل ڪشمير ۽ فلسطين جي مسئلن جي حل تي زور ڏيندو. پرڏيهي آفيس چيو ته پرڏيهي وزير اسحاق ڊار جي آمد تي گڏيل قومن ۾ پاڪستان جي مستقل نمائندي سفير عاصم افتخار احمد، آمريڪا ۾ پاڪستان جي سفير رضوان سعيد شيخ ۽ مشن جي اعليٰ عملدارن استقبال ڪيو. بيان ۾ چيو ويو آهي ته نائب وزيراعظم ۽ پرڏيهي وزير جو نيويارڪ ۾ مصروف شيڊول هوندو. وزيراعظم سان مختلف ملاقاتن ۾ حصو وٺڻ کان علاوه، هو ڪيترن ئي وزارتي ۽ اعليٰ سطحي ملاقاتن ۾ پاڪستان جي نمائندگي پڻ ڪندو ۽ پنهنجي پرڏيهي وزيرن سان هڪ درجن کان وڌيڪ ٻطرفي ملاقاتون ڪندو.

بقايا ✻++✻++ 04

ٿو. پارلياماني دوستي گروپس کي وڌيڪ فعال بڻايو وڃي، پارلياماني وفدن جي مٽاسٽا سان ٻنهي ملڪن وچ ۾ گڏيل هم آهنگي ۽ خيرسگاليءَ کي هٿي ملندي. ڪالهه سينيٽ سيڪريٽريٽ مان جاري بيان موجب اهڙو اظهار هن آسٽريليا جي هاءِ ڪمشنر نيل هاڪنز سان ملاقات دوران ڪيو جنهن ساڻس ملاقات ڪئي. ملاقات ۾ ٻه طرفي ناتن کي وڌيڪ وڌائڻ ۽ مختلف شعبن ۾ نوان موقعا تلاش ڪرڻ تي تفصيلي خيالن جي ڏي وٺ ڪئي وئي. ان موقعي تي واپار، تعليم، دفاع، پارلياماني تعاون، ثقافتي مٽاسٽا، موسمياتي تبديلي ۽ عوامي سطح تي رابطن جهڙا اهم موضوع غور هيٺ آيا. سينيٽ چيئرمين چيو ته پاڪستان آسٽريليا سان پنهنجن ناتن کي قدر جي نگاهه سان ڏسي ٿو ۽ هن ٻنهي ملڪن جي تاريخي ناتن جي اجاگر ڪندي چيو ته ٻنهي ملڪن وچ ۾ 1948ع ۾ سفارتي ناتا قائم ٿيا هئا جيڪي وقت سان گڏوگڏ وڌيڪ مستحڪم ٿيا آهن. هن چيو ته پاڪستان ۽ آسٽريليا جمهوري قدرن ۽ ٻه ايواني پارلياماني نظام جي گڏيل روايتن جو حامل آهي جيڪو وڌيڪ ويجهي تعاون جا بنياد فراهم ڪري ٿو. يوسف رضا گيلاني عهدو سنڀالڻ تائين آسٽريلوي هاءِ ڪمشنر جي خدمتن کي ساراهيو خاص طور تي تعليم، ثقافتي رابطن ۽ ترقياتي پروگرامن کي هٿي ڏيڻ ۾ سندس ڪوششن کي خراج تحسين پيش ڪيو. هن زور ڀريو ته پارلياماني دوستي گروپس کي وڌيڪ فعال بڻايو وڃي، پارلياماني وفدن جي باقاعده مٽاسٽا سان ٻنهي ملڪن وچ ۾ گڏيل هم آهنگي ۽ خيرسگاليءَ کي هٿي ملندي. واپاري ۽ معاشي تعاون تي ڳالهائيندي سينيٽ چيئرمين چيو ته پاڪستان ۽ آسٽريليا وچ ۾ موجود ٻه طرفو واپاري ڳاڻيٽو 2.5 ارب ڊالر آهي جنهن ۾ نمايان واڌ جي گنجائش موجود آهي. هن زراعت، تجديد جوڳي توانائي، معدني وسيلن ۽ آءِ ٽي جي شعبن ۾ تعاون وڌائڻ جي تجويز ڏني. سيد يوسف رضا گيلاني چيو ته پاڪستان پنهنجي روانگي واپار خاص ڪري ٽيڪسٽائل، سرجيڪل اوزار، آءِ ٽي سروسز ۽ فوڊ پراڊڪٽس جي شعبن کي وڌائڻ جو خواهشمند آهي. ان موقعي تي هن ٻنهي ملڪن جي صنعتن ۽ تجارت واري ايوان ۽ نجي شعبي وچ ۾ گڏيل فورم جي قيام جي تجويز پڻ پيش ڪئي. دفاعي شعبي ۾ تعاون تي زور ڀريندي سينيٽ چيئرمين چيو ته پاڪستان ۽ آسٽريليا وچ ۾ دفاعي رابطن کي وڌيڪ هٿي ڏيڻ گهرجي. هن پاڪستان جي لاءِ آسٽريليا جي ترقياتي معاونت کي به ساراهيو موسمياتي تبديليءَ جي حوالي سان ڳالهائيندي هن چيو ته پاڪستان دنيا جي انهن ملڪن ۾ شامل آهي جيڪي سڀ کان وڌيڪ ماحولياتي خطرن ۾ ورتل آهن. هاڻوڪيون تباهي پکيڙيندڙ برساتون ۽ ٻوڏ ان جا واضح ثبوت آهن. هن گڏيل حڪمت عملي ۽ عالمي تعاون تي زور ڀريو ته جيئن ان چئلينجز جو مقابلو ڪري سگهجي. ان موقعي تي سينيٽ چيئرمين آسٽريلوي هاءِ ڪمشنر کي آئينده ٿيندڙ بين البارلياماني اسپيڪرز ڪانفرنس جي باري ۾ بريفنگ ڏني جيڪو هلندڙ سال نومبر ۾ منعقد ٿيندو هن آسٽريلوي پارلياماني قيادت کي ان ڪانفرنس ۾ شرڪت جي باضابطه دعوت ڏني ۽ چيو ته سندس ڪانفرنس ۾ شرڪت نهايت اهم هوندي. ڪانفرنس جي سفير ۽ چيئرمين سينيٽ جي صلاحڪار مصباح کر هاءِ ڪمشنر کي ڪانفرنس جي موضوع ۽ ان جي مجموعي هدفن کان آگاهه ڪيو. ملاقات جي پڄاڻيءَ تي ٻنهي اڳواڻن ٻنهي ملڪن جي ناتن کي وڌيڪ مستحڪم بڻائڻ، عالمي ۽ علائقائي امن لاءِ گڏيل ڪوششون جاري رکڻ جي عزم جو اظهار ڪيو.

بقايا ✻++✻++ 05

جو چوڻ آهي ته پارلياماني معاملن واري وزارت اجلاس سڏائڻ جي سمري وزيراعظم کي موڪلي ڇڏي آهي. ذريعن جو چوڻ آهي ته اجلاس دوران دفاع وارو وزير خواجا آصف ان حوالي سان پاليسي بيان جاري ڪندو. قومي اسيمبلي جو اجلاس ٻن هفتن تائين جاري رهندو اجلاس ۾ معمولي ايجنڊا به بحث هيٺ ايندي. ذريعن موجب، اجلاس ۾ قانونسازي لاءِ مختلف بل ۽ اسٽينڊنگ ڪميٽين جون رپورٽون پڻ پيش ڪيون وينديون. واضح رهي ته ڪجهه ڏينهن اڳ سعودي ولي عهد محمد بن سلمان ۽ وزيراعظم شهباز شريف پاڪستان ۽ سعودي عرب جي وچ ۾ "اسٽريٽيجڪ گڏيل دفاعي معاهدي" (ايس ايم ڊي اي) تي صحيحون ڪيون هيون. ان معاهدي جي شقن تحت هڪ ملڪ خلاف اڳرائي ٻنهي خلاف حملو تصور ڪئي ويندي، معاهدو ٻنهي جي سلامتي ۽ دنيا ۾ امن لاءِ گڏيل عزم کي اجاگر ڪري ٿو.

بقايا ✻++✻++ 06

ميڊيا رپورٽن موجب، ميوزڪ ٽيچرز مطالبن جي مڃتا لاءِ ڪراچي پريس ڪلب آڏو احتجاج ڪري رهيا هئا ۽ سي ايم هائوس ڏانهن مارچ جي ڪوشش به ڪئي، جنهن دوران پوليس سان ڇڪرِيون ٿيون، جنهن تي پوليس 40 کان مٿي مظاهرين کي گرفتار ڪري ورتو آهي. احتجاج ڪندڙن جو چوڻ آهي ته ڪين آفر آرڊر جاري ناهن ڪيا ويا، جنهن سبب بيچيني وڌي رهي آهي، تنهنڪري ترت ميوزڪ ٽيچرز کي آفر آرڊر ڏئي مسئلو حل ڪيو وڃي.

بقايا ✻++✻++ 07

سينٽر ۾ جاري رهندي. اها نمائش پاڪستان جي ڊجيٽل معيشت جي مستقبل جي ضمانت آهي. تفصيل مطابق ايس آءِ ايف سي جي معاونت سان آءِ ٽي ۽ ٽيليڪام وزارت جا منصوبا ٽيڪ ڊيسٽني نيشن پاڪستان تحت ٽن ڏينهن واري نمائش (اڄ) کان شروع ٿيندي. نمائش جي افتتاحي تقريب ۾ آءِ ٽي ۽ ٽيليڪام واري وفاقي وزير شزا فاطمه خواجه شرڪت ڪندي. ايونٽ عالمي سطح تي پاڪستان کي جديد آءِ ٽي ۽ ٽيليڪام هب جي طور تي روشناس ڪرائيندو. نمائش ۾ برطانيه، ترڪيه، آذربائيجان، سعودي عرب، چين، آمريڪا ۽ ٻين ملڪن جا وفد شريڪ ٿيندا. گذريل سال آءِ ٽي سي اين ايشيا ۾ 500 ملين ڊالر جا معاهدا طئي ٿيا هئا. هن سال اهم معاهدن سان گڏوگڏ خاص طور تي ٽيڪنالاجي جي شعبي ۾ سيڙپڪاري کي هٿي ڏني ويندي.

بقايا ✻++✻++ 08

ايڪڙ 20 هزار رپين جي حساب سان امداد ڏيندي. ساهيوال ۾ اليڪٽرڪ بسن جي افتتاحي تقريب کي خطاب ڪندي مريم نواز چيو ته ساهيوال لاءِ 30 اليڪٽرڪ بسون آنديون اٿم، جن ۾ ماڻهو باعزت طريقي سان سفر ڪندا. ساهيوال جا ماڻهو جيڪو سفر سو رپين ۾ ڪندا هئا، هاڻي رڳو 20 رپين ۾ ڪندا. مريم نواز موجب، بس سروس عورتن، اسپيشل ماڻهن، بزرگن ۽ شاگردن لاءِ مفت هوندي. جڏهن ته بس ۾ اسپيشل ماڻهن لاءِ خاص ريمپ پڻ ٺاهيو ويو آهي، بس ۾ سي سي ٽي وي ڪئميرائون لڳل آهن. جنهن ذريعي نگراني ڪئي ويندي ته ڪٿي عورتن کي هراسان نه ڪيو وڃي. مريم نواز چيو ته ساهيوال وارن سان پيار ڪري ٿو. ايڪسپريس وي ٺاهيا ته نواز شريف ٺاهيا، ايٽمي ڌماڪا ڪيا ته نواز شريف ڪيا، ملڪ مان نواز شريف جون خدمتون ڪڍي ڇڏيو ڪنڊن ڪانسواءِ ڪجهه نه بچندو مريم نواز چيو ته "حق جي مقابلي "تاريخي فتح حاصل ڪئي، ويڙهه ۾ ڪاميابي سان دنيا ۾ پاڪستان جو وقار بلند ٿيو پاڪستان ۽ سعودي عرب جي وچ ۾ دفاعي معاهدو اهم ڪارنامو آهي، مڪو مدينو اسان لاءِ پاڪ ڌرتي آهي، پاڪستان هاڻي خادمين الحرمين الشريفين ۾ شامل ٿي ويو آهي. پنجاب ۾ تازي ٻوڏ بابت ڳالهائيندي مريم نواز چيو ته پنجاب ۾ پاڪستان جي تاريخ جي بدترين ٻوڏ آئي. 25 لک ماڻهن کي ٻوڏ اچڻ کان اڳ محفوظ هنڌن تي منتقل ڪيو ٻوڏ ۾ قاتل لکين ماڻهن کي محفوظ جاين تي منتقل ڪيو. 20 لک کان وڌيڪ جانورن کي به محفوظ ٺڪاڻن تي پهچايو هن چيو ته جيترا به ماڻهو ريسڪيو ٿيا انهن کي پنهنجو مهمان سمجهون ٿا، منهنجي لاءِ اهي ٻوڏ متاثر نه پر الله جا مهمان آهن. متاثرن کي عزت سان ميز ڪرسي تي کاڌ خوراڪ ڏني پئي وڃي، جنهن جو گهر مڪمل تباهه ٿيو ان کي 10 لک رپيا ملندا. جنهن جو مٽيءَ جو گهر ڪريو ته ان کي 5 لک رپيا ملندا. مريم نواز چيو ته جنهن جي ڳئون يا مينهن لڙهي وئي ان کي 5 لک رپيا ڏينداسين ۽ جنهن جي ٻڪري يا رڍ وئي ان کي 50 هزار رپيا ملندا. ٻوڏ سبب ٿيندڙ نقصان تي هارين کي في ايڪڙ 20 هزار رپيا امداد ملندي. وزيراعليٰ چيو ته پنجاب جي هر ضلعي ۾ بي گهر ماڻهن لاءِ گهر ٺهيا پيا وڃن، وزيراعليٰ جو ڪم آهي ته ڏکئي وقت ۾ عوام سان گڏ بيهي، ڪو اهڙو ماڻهو نه هو جيڪو حڪومت ۾ هجي ۽ شڪ سان ستو هجي. 15 لک خاندانن کي راشن ڪارڊ فراهم ڪيا پيا وڃن. "اپنا گهر" اسڪيم تحت 80 هزار گهر ٺهي رهيا آهن.

بقايا ✻++✻++ 09

وائس چيئرمين فيصل باسط، يو سي 5 چيئرمين طلحه خان، يو سي 4 چيئرمين ڪريم بخش، يو سي 3 چيئرمين عبدالمعين، ايگزيڪيوٽو انجنيئر بلڊنگ اينڊ روڊ عبدالرحمان ٻگٽي سان گڏجي لياقت مارڪيٽ ميٽرنٽي هوم اينڊ ڊسپينسري، يو سي 4 جي ايريا تي ايم سي اسڪول، يو سي 3 تي ايم سي سرسيد اسڪول جو دورو ڪيو ان موقعي تي ايگزيڪيوٽو انجنيئر بلڊنگ اينڊ روڊ عبدالرحمان ٻگٽي، ٽائون چيئرمين کي جاري ڪمن بابت بريفنگ ڏني. جنهن تي ٽائون چيئرمين ڪم جي رفتار کي تيز ڪرڻ تي زور ڏنو ۽ لاڳاپيل آفيسرن ۽ ڪنٽريڪٽر کي هدايت ڪئي ته ڪم جي تڪميل جي حتمي تاريخ سان گڏ تفصيلي رپورٽ پيش ڪئي وڃي دوري دوران ٽائون چيئرمين ظفر احمد خان، ميٽرنٽي هوم ۽ اسڪولن جي تزئين ۽ آرائش ۽ اسڪولن جي عمارتن جي ازسرنو تعمير جي جاري ترقياتي ڪمن جو معائنو ڪيو واضح رهي ته ٽائون چيئرمين ظفر احمد خان جي اعلان مطابق سال 2025 ماڊل ڪالوني ٽائون ۾ ڊولپمينٽ جو سال آهي، جنهن تحت اسڪولن، پارڪن، روڊن ۽ ڊسپينسريز جي تعمير ۽ ترقي جا منصوبا جاري آهن دوري جي موقعي تي ٽائون چيئرمين سان گڏ اسسٽنٽ ايگزيڪيوٽو انجنيئر رضا رحماني، يو سي ڪائونسلر اسد قريشي، محمد خليل ۽ ٻيا به موجود هئا

بقايا ✻++✻++ 10

اينڊ ڊولپمينٽ سيد نجم احمد شاهه، سيڪريٽري لوڪل گورنمينٽ وسيم شمشاد، ڊي جي پبلڪ پرائيويٽ پارٽنرشپ اسد ضامن ۽ ڊي جي پي ڊي ايم اي سيد سلمان شاهه پڻ موجود هئا. ملاقات ۾ وفد کي صوبي جي ترقياتي منصوبن، امڪاني ٻوڏ لاءِ سنڌ جي تيارين، هائوسنگ اسڪيمن ۽ پوليس سڌارن بابت تفصيلي بريفنگ ڏني وئي، چيف سيڪريٽري سنڌ آصف حيدر شاهه وفد کي ٻڌايو ته ساليانو ترقياتي پروگرام 2025_26 لاءِ 1,018 ارب رپيا مختص ڪيا ويا آهن. سنڌ ۾ اهم منصوبن ۾ 39 ڪلوميٽر ڊگهو شاهراهه ڀٽو شامل آهي، جيڪو 54.08 ارب رپين جي لاڳت سان تعمير هيٺ آهي، جنهن مان 74 سيڪڙو ڪم مڪمل ٿي چڪو آهي. ٻين ميگا منصوبن ۾ ڪورنگي ڪاز وي پل (6.135 ارب رپيا)، مليرندي پل (3.006 ارب رپيا)، طوفاني پاڻي جي نيڪال اير_9 کان ٿدو نالا (1.447 ارب رپيا)، ڪراچي لاءِ 65 ايم جي ڊي اضافي پاڻي جي فراهمي جو منصوبو (9.146 ارب رپيا)، قاسم آباد سيوريج سسٽم فيز_III (3.108 ارب رپيا)، لياري ٽرانسفارميشن پيڪيج (5 ارب رپيا) ۽ ڪريم آباد انڊر پاس (3.810 ارب رپيا) شامل آهن. پرڏيهي فنڊ ڪيل منصوبن ۾ ڪراچي واٽر اينڊ سيوريج سروسز امپروومينٽ پروجيڪٽ فيز_I (25.47 بلين رپيا)، فيز_II (167.1 بلين رپيا) ۽ مقابلي واري ۽ رهائش لائق شهر ڪراچي پروجيڪٽ (57.63 بلين رپيا) شامل آهن. ڊيلٽا بليو ڪاربن پروجيڪٽ تحت، 350,000 هيڪٽرن تي ٻيلا پوکيا پيا وڃن، 3.1 ملين ٽن ڪاربن ڪريڊٽ جي تصديق ڪئي وئي آهي، صوبائي اڪائونٽ ۾ 14.7 ملين آمريڪي ڊالر جمع ڪرايا ويا آهن ۽ هر سال 15_20 ملين ڊالر جي آمدني متوقع آهي. چيف سيڪريٽري سنڌ چيو ته کاتي جو بجيٽ 189.7 ارب رپيا آهي، جنهن مان 153.8 ارب رپيا پگهارن لاءِ ۽ 35.96 ارب رپيا آپريشنز لاءِ آهن. ڪچي آبادي وارن علائقن ۾ 760 انٽيليجنس تي ٻڌل ۽ 352 سرچ اينڊ سوئيپ آپريشن ڪيا ويا آهن. پوليس سڌارن ۾ 772 ملين رپين جو جديد سي ٽي ڊي فيوزن سينٽر، سنڌ سمارٽ سرويلنس سسٽم (42 ٽول پلازن تي AICCTV)، ڪراچي سيف سٽي پروجيڪٽ (6.62 ارب رپيا، 1,300 ڪيمرا)، پوليس اسٽيشن رڪارڊ مئنيجمينٽ سسٽم، اي_ڊرائيونگ لائسنس، هوٽل آئي مئنيجمينٽ سسٽم، ملازمن جي تصديق جو نظام ۽ اي_ٽيگنگ شامل آهن. پوليس ويلفيئر تحت، 4.962 ارب رپين جو هيلٿ انشورنس پيڪيج ۽ شهيدن جو پيڪيج 23 ملين رپين کان وڌائي 60 ملين رپيا ڪيو ويو آهي. اجلاس کي بريفنگ ڏيندي ڊي جي پي ڊي ايم اي چيو ته 2022 جي مون سون ۾ سنڌ جا 24 ضلعا متاثر ٿيا، 12.3 ملين ماڻهو متاثر ٿيا ۽ 2.08 ملين گهر تباهه ٿيا. موسميات کاتي جي اڳڪٿي موجب، 2025 جي مون سون ۾ سنڌ ۾ 33 کان 55 سيڪڙو وڌيڪ برساتن جو امڪان آهي. ان مقصد لاءِ هڪ جامع هنگامي منصوبو تيار ڪيو ويو آهي، جنهن ۾ وسيلن جي نقشي، انخلا جي حڪمت عملي ۽ عملي مشقون شامل آهن. پي ڊي ايم اي سنڌ، 2025 جي مون سون ۾ امڪاني ٻوڏ جي تيارين کي اجاگر ڪندي ٻڌايو ته لاڳاپيل ضلعي انتظاميا کي هنگامي امدادي سامان فراهم ڪيو ويو آهي، جنهن ۾ 100 پاڻي صاف ڪرڻ وارا پمپ، 13,095 ترپال شيٽون، 1,280 لائف جيڪٽس، 11,520 خيما، 12,000 حفظان صحت ڪٽس، 33,020 مڇردانيون، جانورن لاءِ 9,000 مڇر دانيون، 11,000 ميٽ، 11,000 جيري ڪين، 11,010 ڪچن سيٽ، 900 پورٽيبل ٽوائليٽ، 10,210 اوني گدا ۽ 2,500 فرسٽ ايڊ ڪٽ شامل آهن. ان کان علاوه، پي ڊي ايم اي ضلعي ڊزاسٽر مئنيجمينٽ اٿارٽيز وٽ هن وقت 280,000 کان وڌيڪ خيما، 1.83 ملين مڇردانيون، 96,722 ميٽ، 37,331 ڪپهه جا گدا، 133,590 جيري ڪين، 9,835 فرسٽ ايڊ ڪٽ ۽ 36,524 ڪچن سيٽ وڏن گودامن ۾ موجود آهن ته جيئن ڪنهن به هنگامي صورتحال ۾ فوري ۽ اثرائتي جواب کي يقيني بڻائي سگهجي چيف سيڪريٽري سنڌ آصف حيدر شاهه چيو ته صوبائي حڪومت جو مقصد ترقياتي منصوبن، پوليس سڌارن ۽ اثرائتي آفتن جي انتظام جي قدمن ذريعي ماڻهن کي بنيادي سهولتون فراهم ڪرڻ، غربت گهٽائڻ ۽ پائيدار ترقي حاصل ڪرڻ آهي. وفد جي شرڪت ڪندڙن سنڌ حڪومت جي اهم منصوبن، خاص طور تي پبلڪ پرائيويٽ پارٽنرشپ ۽ سنڌ پيپلز هائوسنگ فار فلڊ ايفيڪٽيز پروگرام تحت شروع ڪيل انفراسٽرڪچر منصوبن جي تعريف ڪئي، جيڪي متاثر خاندانن کي محفوظ گهر فراهم ڪري انهن جي زندگين کي تبديل ڪري رهيا آهن. شرڪت ڪندڙن چيو ته اهي قدم جامع ترقي، آفتن جي خلاف مزاحمت ۽ ڊگهي مدت جي غربت ۾ گهٽتائي لاءِ سنڌ حڪومت جي عزم کي ظاهر ڪن ٿا. انهن پي پي پي فنانسنگ ماڊلز ۽ ڪميونٽي تي ٻڌل هائوسنگ ڊيزائن کي شفاف ۽ پائيدار قرار ڏنو.

بقايا ✻++✻++ 11

اپيل جو حق ڏيڻ لاءِ 45 ڏينهن ۾ قانونسازي جو حڪم ڏئي ڇڏيو عام شهرين جي ڪورٽ مارشل بابت انٽراڪورٽ اپيلن جو تفصيلي فيصلو جاري ڪيو ويو. تفصيلي اڪثريتي فيصلو جسٽس امين الدين خان لکيو. سويلين جي ڪورٽ مارشل جي حوالي سان انٽراڪورٽ اپيلن تي فيصلو 7 مئي 2025 تي ٻڌايو ويو هو. سپريم ڪورٽ جي ست رڪني آئيني بينچ انٽرا ڪورٽ اپيلن تي فيصلو ٻڌايو هو جڏهن مان پنج ججن انٽرا ڪورٽ اپيلن کي منظور ۽ ٻن ججن رد ڪيو هو. سپريم ڪورٽ انٽرا ڪورٽ اپيل ۾ ملٽري ٽرائل جي اجازت ڏني هئي. جسٽس امين الدين خان 68 صفحن تي ٻڌل فيصلو لکيو. جڏهن ته جسٽس محمد علي مظهر 47 صفحن جو اضافي نوٽ لکيو. جسٽس امين، جسٽس حسن رضوي، جسٽس مسرت هلالي ۽ جسٽس شاهد بلال اضافي نوٽ سان اتفاق ڪيو جسٽس جمال مندوخيل ۽ جسٽس نعيم افغان اختلافي نوٽ لکيو هو. فيصلي ۾ ملٽري ڪورٽ جي سزا يافته ڏوهارين کي اپيل جو حق ڏيڻ ۽ اپيل جو حق ڏيڻ لاءِ 45 ڏينهن ۾ حڪومت کي قانونسازي جو حڪم ڏنو ويو آهي.

بقايا ✻++✻++ 12

دٻائڻ جي ناپاڪ سازش آهي سيد ناصر حسين شاهه چيو ته سنڌ حڪومت صحافين جي تحفظ ۽ سلامتي لاءِ پرعزم آهي هن وڌيڪ چيو ته امتياز مير تي حملو سچي صحافت ۽ انسانيت تي حملو آهي وزير توانائي يقين ڏياريو ته واقعي ۾ ملوث ڏوهارين کي جلد قانون جي ڪٽهڙي ۾ آندو ويندو آخر ۾ هن امتياز مير جي جلد صحتيابي لاءِ دعا پڻ ڪئي.

بقايا ✻++✻++ 13

شرڪت ڪئي. آمريڪي صدر ٽرمپ ايريڪا کي آٿت ڏني ۽ چارلي ڪرڪ کي "آمريڪي آزادي جو شهيد" قرار ڏيندي سندس مشن کي اڳتي وڌائڻ جو عزم ظاهر ڪيو ان موقعي تي ايريڪا ڪرڪ پنهنجي مڙس کي ڀيٽا پيش ڪندي جذباتي ٿي لڙڪ لاڙي ويٺي ۽ تقرير ۾ قاتل کي معاف ڪرڻ جو اعلان ڪيو ايريڪا ڪرڪ چيو ته "نفرت جو جواب نفرت نه پر معافي آهي." واضح رهي ته صدر ٽرمپ جي ويجهي ساٿي ۽ اسرائيل نواز چارلي ڪرڪ کي 11 سيپٽمبر تي يوٽا يونيورسٽي ۾ تقرير دوران گولي هڻي قتل ڪيو ويو هو اکين ڏٺن شاهدن پرڏيهي ميڊيا سان ڳالهائيندي ٻڌايو ته چارلي کي ان وقت گولي هڻي وئي، جڏهن هو گن ڪنٽرول ۽ هجوم ۽ فائرنگ جي موضوع تي ڳالهائي رهيو هو چارلي ڪرڪ هڪ قدامت پسند شخصيت هو ۽ کيس آمريڪي صدر جو تمام ويجهو ساٿي سمجهيو ويندو هو. رپورٽن موجب، چارلي ڪرڪ "ٽرننگ پوائنٽ يو ايس اي" نالي تنظيم جو باني پڻ هو، جيڪا تعليمي ادارن ۾ قدامت پسند نظرين کي هٿي ڏيئي ٿي.

بقايا ✻++✻++ 14

ڪندي ريجيونل ڊائريڪٽر محتسب هارون احمد خان چيو ته صوبائي محتسب عوام جي جائز شڪايتن جي ازالي لاءِ هميشه ڪوشان آهي، جيڪو بغير ڪنهن وڪيل جي جلد کان جلد عوام کي انصاف جي فراهمي ۾ پنهنجو ڀرپور ڪردار ادا ڪري رهيو آهي هن شاگردن کي صوبائي محتسب جي مقصدن، اثرن ۽ ان جي ڪارڪردگي بابت تفصيلي آگاهي ڏني هن چيو ته صوبائي محتسب جي رهنمائي ۾ عوام کي فوري انصاف جي فراهمي لاءِ قدم کنيا پيا وڃن. ملڪ ۾ انصاف فراهم ڪندڙ ادارا موجود آهن پر انهن تائين رسائي لاءِ بنيادي ڄاڻ نه هئڻ سبب ڪيترائي ماڻهو پنهنجي حقن کان محروم ٿي وڃن ٿا ريجيونل ڊائريڪٽر چيو ته شهري ڪنهن به صوبائي محڪمي خلاف پنهنجي جائز شڪايت رڳو هڪ سادي ڪاغذ تي موڪلي سگهن ٿا ۽ سندن مسئلي کي جلدي حل ڪرائڻ لاءِ قدم کنيا ويندا هن چيو ته اسان جا دروازا هر انصاف جي تلاش ڪندڙ لاءِ کليل آهن ان موقعي تي ايسوسيئيٽ پروفيسر محمد هارون لوار ۽ پرنسپل گل حسن سوڍو اسڪول کي درپيش مسئلن کان آگاهه ڪيو. جنهن تي ريجيونل ڊائريڪٽر محتسب چيو ته سمورا مسئلا لکت ۾ موڪليا وڃن ته جيئن انهن جي حل لاءِ عملي قدم کنيا وڃن هن اسڪول ۾ معياري تعليم جي فراهمي ۽ بهتر ماحول تي اطمينان جو اظهار ڪيو ۽ پروفيسر محمد هارون لوار، پرنسپل گل حسن سوڍو ۽ ٻين استادن جي ڪارڪردگي کي ساراهيو ان موقعي تي اسسٽنٽ رجسٽرار محتسب محمد حنيف پنهور سميت اسڪول جا استاد ۽ شاگرد پڻ موجود هئا

بقايا ✻++✻++ 15

پاران جاري بيان موجب نائب وزيراعظم ۽ پرڏيهي وزير گڏيل قومن جي هيڊڪوارٽرز ۾ دولت مشترڪ جي پرڏيهي وزيرن جي اجلاس ۾ شرڪت ڪئي. اهو اجلاس گڏيل قومن جي جنرل اسيمبلي جي 80هين اجلاس جي موقعي تي منعقد ڪيو ويو پنهنجي خطاب ۾ نائب وزيراعظم ۽ پرڏيهي وزير دولت مشترڪ جي لاءِ پاڪستان جي اٽل حمايت ۽ ان منفرد پليٽ فارم کي وڌيڪ مضبوط بڻائڻ جي عزم کي ورجايو هن تنظيم کي بدلجندڙ عالمي حالتن موجب آڻڻ جي ڪوششن جي آجيان ڪئي. هن چيو ته عالمي برادري هڪ ئي وقت ڪيترن ئي بحرانن کي منهن ڏئي رهي آهي، دولت مشترڪ کي امن قائم ڪرڻ ۽ مڪالمي جي پليٽ فارم جي طور تي پنهنجو ڪردار جاري رکڻ گهرجي جنهن جي اتفاق راءِ ۽ تعاون جي ذريعي تڪرار حل ڪرڻ ۽ هم آهنگي کي فروغ ڏيڻ ۾ مدد ملي سگهي. هن دولت مشترڪ جي ماحولياتي تبديلي بابت ڪوشش جي ڀرپور حمايت ڪئي ۽ ميمبر ملڪن پاران ماحولياتي چئلينج کي منهن ڏيڻ تي مسلسل ڌيان ڏيڻ جي ضرورت تي زور ڏنو اسحاق ڊار دولت مشترڪ جي ان منفرد ڪردار کي ساراهيو جيڪو 56 ميمبر ملڪن جي هڪ گڏ ڪري نوجوانن کي بااختيار بڻائڻ، ڊيجيٽل تبديلي ۽ واپار ۽ ڪاروبار جي فروغ جي لاءِ ادا ڪري رهيو آهي. هن چيو ته پاڪستان کي دولت مشترڪ جي نوجوانن جي ايجنڊا ۾ قائداڻو ڪردار ادا ڪرڻ تي فخر آهي ته جيئن اسان جي نوجوان نسل هڪ وڌيڪ خوشحال ۽ پرامن مستقبل جوڙڻ جي قابل ٿئي. هن چيو ته پاڪستان دولت مشترڪ جي رابطي جي ايجنڊا کي فروغ ڏيڻ ۾ ڀرپور ڪردار ادا ڪندو ۽ اهڙن قدمن جي حمايت ڪندو رهندو جن سان دولت مشترڪ جي اندر ڊيجيٽل، فزيڪل، ريگيوليٽري ۽ سپلاءِ چين جا رابطا وڌيڪ مضبوط ٿين.

بقايا ✻++✻++ 16

چوندي سنڌ جي وڏي وزير سيد مراد علي شاهه چيو ته پاڪستان ۽ ترڪي جي وچ ۾ پراڻا ۽ مضبوط لاڳاپا قائم آهن، جن کي وڌيڪ هٿي ڏني ويندي، هن يقين ڏياريندي چيو ته سنڌ حڪومت ترڪي سان ڀرپور تعاون ڪندي. ملاقات جي دوران سنڌ جي وڏي وزير چيو ته پاڪستان ۽ ترڪي جي وچ ۾ واپاري لاڳاپن کي وڌيڪ وڌائڻ جي ضرورت آهي ۽ انهي سلسلي ۾ ٻئي ملڪ عملي قدم کڻي رهيا آهن. مراد علي شاهه ترڪي جي سرمائيڪارن کي سنڌ ۾ سرمائيڪاري جي دعوت ڏيندي ٻڌايو ته صوبي ۾ توانائي، پاڻي ۽ روڊن سميت مختلف ميگا پروجيڪٽس جاري آهن. هن چيو ته ڪراچي 2 ڪروڙ 10 لک کان وڌيڪ آبادي جو شهر آهي ۽ هتي پبلڪ ٽرانسپورٽ ۽ انفرا اسٽرڪچر جي منصوبن ۾ سرمائيڪاري جا وڏا موقعا موجود آهن. ترڪي جي قونصل جنرل ارگل ڪدڪ چيو ته ترڪ سرمائيڪار سنڌ ۾ سرمائيڪاري ۾ دلچسپي رکن ٿا. ڪراچي هڪ بهترين شهر آهي جتي جا ماڻهو محبت ڪندڙ آهن. ملاقات ۾ انهي ڳالهه تي به اتفاق ڪيو ويو ته سنڌ جي انويسٽمينٽ ڊپارٽمينٽ جو سربراهه جلد ترڪي جي قونصل جنرل سان ملاقات ڪندو ته جيئن سرمائيڪاري جي منصوبن تي اڳرائي ٿي سگهي.

بقايا ✻++✻++ 17

چوندي سنڌ جي وڏي وزير سيد مراد علي شاهه چيو ته پاڪستان ۽ ترڪي جي وچ ۾ پراڻا ۽ مضبوط لاڳاپا قائم آهن، جن کي وڌيڪ هٿي ڏني ويندي، هن يقين ڏياريندي چيو ته سنڌ حڪومت ترڪي سان ڀرپور تعاون ڪندي. ملاقات جي دوران سنڌ جي وڏي وزير چيو ته پاڪستان ۽ ترڪي جي وچ ۾ واپاري لاڳاپن کي وڌيڪ وڌائڻ جي ضرورت آهي ۽ انهي سلسلي ۾ ٻئي ملڪ عملي قدم کڻي رهيا آهن. مراد علي شاهه ترڪي جي سرمائيڪارن کي سنڌ ۾ سرمائيڪاري جي دعوت ڏيندي ٻڌايو ته صوبي ۾ توانائي، پاڻي ۽ روڊن سميت مختلف ميگا پروجيڪٽس جاري آهن. هن چيو ته ڪراچي 2 ڪروڙ 10 لک کان وڌيڪ آبادي جو شهر آهي ۽ هتي پبلڪ ٽرانسپورٽ ۽ انفرا اسٽرڪچر جي منصوبن ۾ سرمائيڪاري جا وڏا موقعا موجود آهن. ترڪي جي قونصل جنرل ارگل ڪدڪ چيو ته ترڪ سرمائيڪار سنڌ ۾ سرمائيڪاري ۾ دلچسپي رکن ٿا. ڪراچي هڪ بهترين شهر آهي جتي جا ماڻهو محبت ڪندڙ آهن. ملاقات ۾ انهي ڳالهه تي به اتفاق ڪيو ويو ته سنڌ جي انويسٽمينٽ ڊپارٽمينٽ جو سربراهه جلد ترڪي جي قونصل جنرل سان ملاقات ڪندو ته جيئن سرمائيڪاري جي منصوبن تي اڳرائي ٿي سگهي.

بقايا ✻++✻++ 18

وڌيڪ مؤثر ۽ مضبوط بڻايو ويندو اهڙو اظهار هن ورلڊ بئنڪ جي اعليٰ سطحي وفد سان ملاقات دوران ڪيو ان موقعي تي پاڪستان جي صحت واري نظام کي مضبوط بڻائڻ لاءِ جاري قدمن ۽ چئلينجز تي خيالن جي ڏي وٺ ڪئي وئي. وفاقي وزير چيو ته نيشنل هيلٿ سپورٽ پروگرام کي مؤثر طريقي سان لاڳو ڪرڻ کي يقيني بڻائڻ لاءِ ورلڊ بئنڪ پروگرام جي مدت ۾ هڪ سال جي واڌ ڪري. ورلڊ بئنڪ جي درخواست تي مصطفيٰ ڪمال انٽر منسٽريل هيلٿ اينڊ پاپوليشن ڪائونسل کي فوري طور ٻيهر فعال ڪرڻ جي هدايت ڏني. بين الصوبائي وزارتي اجلاس هلندڙ هفتي طلب ڪيو ويندو ته جيئن پاليسي سطح تي مضبوط مشاورت کي يقيني بڻائي سگهجي. هن چيو ته يونيورسل هيلٿ ڪوريج بابت اجلاس ۾ هلندڙ هفتي گهرايو ويندو گلوبل فنانسنگ فيسلٽي تحت عورتن، ٻارن ۽ نوجوانن جي صحت ۽ غذائيت جي حوالي سان فوڪل پرسن مقرر ڪيو وڃي. ورلڊ بئنڪ ايندڙ 2 کان 3 مهينن ۾ هڪ ڊونر ڪانفرنس منعقد ڪرڻ جي تجويز پيش ڪئي جنهن جو مقصد وفاقي وزير جي ايندڙ 2 کان 3 سالن جي ويزن کي اجاگر ڪرڻ آهي ۽ پاڪستان جي صحت جي شعبي ۾ حصيداري ۽ سيڙپڪاريءَ جا موقعا تلاش ڪرڻ آهي. وفاقي وزير ان تجويز جي آجيان ڪندي ڊونر ڪانفرنس منعقد ڪرڻ ۾ وزارت طرفان ڀرپور تعاون جي خاطري ڪرائي ۽ چيو ته صحت واري وزارت ۽ ورلڊ بئنڪ وچ ۾ ويجهن رابطن ۽ معلومات جي مٽاسٽا کي هٿي ڏني ويندي.

بقايا ✻++✻++ 19

ته مين هول ۾ ٻڏي ويل ٽنهي ڄڻن کي واٽر ڪارپوريشن صفائي جي لاءِ کوليو هو، ٽيئي ڄڻا پاڻ ۾ پيءُ پٽ هئا، جيڪي 15 هزار رپين جي عيوض صفائي جي لاءِ مين هول ۾ لٿا هئا. علائقي جي رهواسين جو چوڻ آهي ته مين هول ۾ صفائي جي لاءِ لهندڙ ٽنهي ڄڻن کي ڪڍڻ جي لاءِ واٽر ڪارپوريشن جي گاڏين ۾ رسيون به نه هيون. ٻڏي ويل ٽنهي ڄڻن کي بچائڻ جي لاءِ لهندڙ شخص جي حالت به ڳڻتي جوڳي آهي جنهن کي به اسپتال منتقل ڪيو ويو آهي. پوليس موجب گارڊن عثمان آباد جي سيوريج مين هول ۾ صفائي جي دوران ٻڏي ويل 3 ڄڻن جا لاش ڪڍيا ويا آهن. فوت ٿي ويلن جي سڃاڻپ 22 ورهين جي وشال، 19 ورهين جي شهيرو ۽ 42 ورهين جي جارج جي طور تي ٿي آهي چوٿين شخص کي سول اسپتال جي ٽراما سينٽر منتقل ڪيو ويو جڏهن ته لاشن کي ايڌي جي مرده خاني ۾ رکيو ويو آهي. پوليس سرجن سميعه سيد ٻڌايو ته اهي ڪارڪن مين هول ۾ صفائي جي دوران فوت ٿي ويا هئا. جڏهن ته سندن وارثن پوسٽ مارٽم ڪرائڻ کان انڪار ڪري ڇڏيو آهي.

بقايا ✻++✻++ 20

زخمي ٿي پيا. رينجرز جي ترجمان ٻڌايو ته ڪشمور جي ڪچي ۾ اغوا ٿيل پوليس اهلڪار کي آزاد ڪرائڻ لاءِ رينجرز ۽ پوليس گڏيل آپريشن ڪيو. ڪارروائي دوران ڌاڙيلن جو ٺڪاڻو تباهه ڪيو ويو آپريشن دوران ڌاڙيلن پوليس تي فائرنگ ڪئي. ترجمان رينجرز موجب پنگ لاءِ اغوا ۾ ملوث خادم پيو گينگ پوليس اهلڪار کي ڊيوٽي دوران اغوا ڪيو هو. ڏوهارين جي گروپ اهلڪار جي وڊيو پري سوشل ميڊيا تي وائرل ڪئي هئي. بدنام زمانه خادم پيو جنهن جي سرتي 10 لک روپيه انعام مقرر آهي، اهو به زخمي ٿيل ڌاڙيلن ۾ شامل آهي. ان کان علاوه واجد پيو مالڪ جاگيراڻي سميت 9 ڏوهاري زخمي ٿيا آهن. واضح رهي ته سنڌ جي ڪچي ۾ روزانو شهرين کي هني ٽريپ ڪري اغوا ڪرڻ جون وارداتيون عام آهن. ڌاڙيل جا گروپ سادن ماڻهن کي عورتن ۽ سستين گاڏين سميت ڪاروباري لالچ ڏئي هرڪائي اغوا ڪري پنگ طلب ڪندا آهن. ياد رهي ته جنوري 2025 ۾ ڪراچي مان سکر ويندڙ 3 نوجوانن کي ڌاڙيلن اغوا ڪيو هو، مغوين جي گهروارن چيو هو ته اغوا ڪارن رهائي جي بدلي 60 لک روپيا پنگ گهريو هو.

بقايا ✻✻✻ 21

چيو ته ٻن سالن کان هلندڙ غزه جنگ هڪ بي مثال انساني الميو پيدا ڪيو آهي. هن چيو ته اسرائيلي ڪارروايون جيڪي بين الاقوامي قانون جي اصولن جي خلاف ورزي ڪن ٿيون، ٻه رياستي حل کي خطري ۾ وجهي رهيون آهن ۽ وچ اوڀر جي استحڪام کي نقصان پهچائي رهيون آهن. چيني پرڏيهي وزير وڌيڪ چيو ته عالمي برادري کي اسرائيل _فلسطين تڪرار کي حل ڪرڻ لاءِ ٽي ضروري قدم کڻڻ گهرجن، جن ۾ غزه ۾ فوري طور تي جامع جنگ بندي، فلسطيني خود حڪمراني، ۽ ٻه رياستي حل تي مضبوطي سان عمل ڪرڻ شامل آهن.

بقايا ✻++✻++ 22

ويو آهي. سنڌ حڪومت جاري ڪيل نوٽيفڪيشن ۾ ٻڌايو ويو آهي ته شهمير ڀٽو جي جاءِ تي مزمل هاليپوٽو کي سنڌ بلڊنگ ڪنٽرول اٿارٽيءَ جو ڊائريڪٽر جنرل مقرر ڪيو ويو آهي. ياد رهي ته هلندڙ سال جولاءِ ۾ ڪراچي جي علائقي لياري بغدادي ۾ پنج ماڙ عمارت ڪري پٽ پئجي وئي هئي، جنهن ۾ گهٽ ۾ گهٽ 27 ڄڻا فوت ٿي ويا هئا. حڪومت سرڪار انهي واقعي کان ڪجهه ڏينهن پوءِ 7 جولاءِ تي ان وقت جي ڊي جي ايس بي سي اي محمد اسحاق کهڙو کي معطل ڪري، سندس جاءِ تي 20 هين گريڊ جي آفيسر شهمير خان کي ڊائريڪٽر جنرل مقرر ڪيو هو.

بقايا ✻++✻++ 23

اينڊ سيشن ڪورٽ جي فيصلي موجب، جمشيد دستيءَ کي قلم 82 جي ڏوهه ۾ 3 سال، 420 جعلسازي تي 2 سال، جعلي دستاويزن تي 7 سال ۽ 471 شق تحت جعلي دستاويزن کي اصل طور استعمال ڪرڻ تي 2 سال قيد ۽ 10 هزار رپيا ڏنڊ، جڏهن ته قلم 206 تحت رشوت ڏيڻ جي ڪوشش تي 3 سال قيد جي سزا ٻڌائي وئي آهي. جمشيد دستي خلاف اليڪشن ڪميشن جعلي ڊگري جي شڪايت داخل ڪئي هئي. اليڪشن ڪميشن موجب، جمشيد دستي 2008 ۾ مدرسي جي بي اي ڊگري تي اليڪشن ۾ حصو ورتو هو پر ان ڊگريءَ جو هائير ايجوڪيشن ڪميشن وٽ رڪارڊ موجود نه هو اليڪشن ڪميشن موجب، جوابدار آرٽيڪل 62 ۽ 63 جي ڀڃڪڙي ڪئي ۽ حقيقت لڪائي، تنهنڪري کيس نااهل قرار ڏنو وڃي. عدالت طرفان جمشيد دستي کي بار بار طلب ڪرڻ باوجود پيش نه ٿيڻ تي فيصلو ٻڌايو ويو.

بقايا ✻++✻++ 24

. سرڪاري ملازم تي تشدد جي ڪيس ۾ فرحان غني سميت ٻيا جوابدار ۽ وڪيل عدالت ۾ پيش ٿيا جنهن دوران عدالت پڇاڻو ڪيو ته ڪيترن گواهن جا بيان رڪارڊ ڪيا ويا ۽ ڪڏهن ڪيا ويا؟ جاچ آفيسر عدالت کي آگاهه ڪيو ته 25 آگسٽ تي ٻن گواهن جا بيان رڪارڊ ڪيا ويا، جنهن تي عدالت ريمارڪس ڏنا گواهن جي بيانن موجب سرڪاري ڪم بند ڪرايو ويو ۽ وڪيل صفائي وچ ۾ ڳالهائڻ جي ڪوشش ڪئي جنهن تي عدالت چيو ته صبر کان ڪم وٺو اوهان کي به ڳالهائڻ جو موقعو ڏنو ويندو. عدالت پڇاڻو ڪيو ته جاچ جي دوران جوابدار کي آزاد ڪرڻ جو اطلاق دهشتگردي جي ڪيس ۾ ٿئي ٿو؟ جوابدارن کي جنهن سيڪشن جي تحت ضمانت تي آزاد ڪيو ويو انهي جي درخواست عدالت ۾ جمع ڪرائي وئي، اها ڪٿي آهي؟ فاضل جج چيو ته مدعي جا وڪيل اهو قانون عدالت ۾ پيش ڪن، اوهان کي گهرجي ها ته جيڪڏهن ڪم هلي رهيو هو ته پهريان نوٽيس اماڻيو ها. وڪيل صفائي چيو ته جيڪڏهن ڪو روڊ، گهٽي ۽ فٽ پاٿ کي نقصان پهچائي رهيو هجي ته انهي کي روڪينداسين. جوابدار گرفتار هو ته نوٽيس ڪيئن جاري ڪيو وڃي ها، جيڪڏهن عدالت چاهي ته دهشتگردي جا قلم منظور ڪري يا پوءِ ڪارروائي ڪري، جنهن تي عدالت ريمارڪس ڏنا اوهان جذباتي ٿي رهيا آهيو، اوهان ڪهڙي سيڪشن جي تحت ريمانڊ ڏنو مان به ڪجهه سکڻ چاهيان ٿو. اسان قانون موجب ريمانڊ ڏنو، هي آهي اهو قانون.

بقايا ✻++✻++ 25

۾، سنڌ جي مختلف شهرن ۽ تعليمي ادارن جو دورو ڪيو ۽ سوين شاگردن، شاگردياڻين ۽ استادن سان ملاقاتون ڪيون. هن دوري جو بنيادي مقصد انٽرنيشنل يونيورسٽي آف ڪرغزستان (IUK_ISM) ۽ ان جي عالمي معيار جي ايم بي بي ايس پروگرام بابت آگاهي فراهم ڪرڻ هو دوري جي شروعات رانيپور مان مظهر مسلم ماڊل اسڪولنگ سسٽم کان ٿي، جيڪو اتر سنڌ جو سڀ کان وڏو MDCAT ٽريننگ انسٽيٽيوٽ آهي، جتي پنجاب ۽ بلوچستان جا شاگرد به تياري لاءِ اچن ٿا. سيمينار ۾ 400 کان وڌيڪ MDCAT اميدوارن کي ڊاڪٽر علي تفصيلي پريزينٽيشن ڏني ۽ هڪ ڪلاڪ ڊگهو سوال جواب جو سيشن پڻ ٿيو ان موقعي تي ايجوڪيشنل ايڊوائيزر ۽ مظهر ماڊل جي وچ ۾ مفاهمت جي يادداشت (MoU) تي صحيحون ڪيون ويون، جنهن تحت ايجوڪيشنل ايڊوائيزر مڪمل داخلا ڪارروائي، دستاويزي سهائتا ۽ بشڪڪ ۾ پنج سالن جي ايم بي بي ايس تعليم دوران رهنمائي ۽ مدد فراهم ڪندو ٽيم گمبٽ ۾ ثمرا پبلڪ ڪاليج جو به دورو ڪيو جتي ڊاڪٽر علي شاگردن ۽ شاگردياڻين لاءِ الڳ الڳ آگاهي سيشنز ڪيا سکر، خيرپور ۽ ٻين مرڪزن ۾ پروفيسرن ۽ اڪيڊمي مالڪن سان ملاقاتون ڪري آءِ يو ڪي_آءِ ايس ايم جي پي ايم ڊي سي منظور ٿيل حيثيت، محفوظ هاسٽلز، 24/7 وائي فائي ۽ تازو حلال کاڌي جهڙين سهولتن کي اجاگر ڪيو ڪراچي واپسي دوران ٽيم ڪنڊيارو، نوشهرو فيروز، موري، قاضي احمد، سڪرنڊ ۽ نوابشاهه ۾ به استادن ۽ اڪيڊمي مالڪن سان ملاقاتون ڪيون ۽ شاگردن کي عالمي معيار جي تعليم جا موقعا اختيار ڪرڻ لاءِ حوصلا افزائي ڪئي.

بقايا ✻++✻++ 26

۾ هڪ تقريب کي خطاب ڪندي شزا فاطمه چيو ته آءِ ٽي شعبي ۾ نوجوانن کي وڌ کان وڌ سهولتون فراهم ڪيون پيون وڃن. وزيراعظم پاران اسٽارٽ اپس ۽ نوجوانن لاءِ فنڊ ريزنگ بابت خاص هدايتون آهن. آءِ ٽي جي فروغ لاءِ انساني وسيلن ۾ اضافو ڪيو پيو وڃي. ۽ انفرااسٽرڪچر لاءِ ڪيترائي قدم کنيا ويا آهن هن وڌيڪ چيو ته ملڪ ۾ 8 انڪيوبيشن سينٽر ڪم ڪري رهيا آهن. صرف حيدرآباد مان هڪ ارب کان وڌيڪ ماليت جا اسٽارٽ اپ ٺاهيا ويا آهن. هر سال ٻه لک کان وڌيڪ نوجوان تربيت وٺي رهيا آهن ۽ اسٽارٽ اپ شروع ڪري رهيا آهن. مختلف يونيورسٽين سان الحاق ۽ iCloud تي ڪم ڪيو ويو آهي. انفارميشن ٽيڪنالاجي واري وفاقي وزير چيو ته ڊجيٽل ايڪٽ جي منظوري جو مقصد ڊجيٽل نظام ڏانهن وڌڻ آهي، ڊجيٽل نظام عام ماڻهن جي زندگين ۾ تبديلي آڻڻ آهي، زندگي جو هر پهلو ڊجيٽل ٿي رهيو آهي، اسان نادرا جي تعاون سان ڊجيٽل ڊيٽا گڏ ڪري رهيا آهيون، هر شخص جو ڊيٽا محفوظ هوندو ڊجيٽل انقلاب ذريعي هر معلومات دستياب هوندي. شزا فاطمه اهو به چيو ته ڪنهن به شخص جو ڊيٽا جيڪو خريداري ڪندو آهي ان جو آمدني ۾ نه ويندو آهي، ايندڙ وقت ۾ گرين انيشي ايٽو تحت زراعت ۾ به ڊجيٽلائيزيشن ٿيندي.

بقايا ✻++✻++ 27

رهيا آهن. اغوا ٿيل 9 ئي ڄڻا ٻگٽي قبيلي جا آهن. سندن اغوا جو سبب معلوم ناهي ٿي سگهيو ان بابت وڌيڪ جاچ ڪئي پئي وڃي.

بقايا ✻++✻++ 28

سندس مڙس هادي علي چٺا جا گرفتاري وارنٽ جاري ڪري ڇڏيا. ايڊيشنل ڊسٽرڪٽ اينڊ سيشن جج محمد افضل مجوڪا ايمان مزاري ۽ هادي علي چٺا جا ضمانت نه ٿيڻ جوڳا گرفتاري ڪندي پوليس کي حڪم ڏنو آهي ته ٻنهي کي گرفتار ڪري 24 سيپٽمبر تي عدالت آڏو پيش ڪيو وڃي. ان کان اڳ عدالت ايمان مزاري ۽ هادي علي چٺا کي طلبي جا نوٽيس پڻ جاري ڪيا هئا. ايمان مزاري ۽ هادي علي چٺا جي وڪيلن طرفان گرفتاري وارنٽ رد ڪرڻ جي درخواست داخل ڪئي وئي، عدالت فوري طور وارنٽ رد ڪرڻ واري استدعا رد ڪندي ڪيس جي وڌيڪ ٻڌڻي 24 سيپٽمبر تائين ملتوي ڪري ڇڏي.

بقايا ✻++✻++ 29

جنهن سان هن سال پاڪستان ۾ پوليو ڪيسن جو ڪل تعداد 27 ٿي ويو آهي. نيشنل ايمرجنسي آپريشن سينٽر موجب، 2025 ۾ سنڌ ۾ هاڻي تائين 7 پوليو ڪيسن جي تصديق ٿي چڪي آهي. پوليو هڪ لاعلاج بيماري آهي جيڪا زندگي ڀر جي معذوري جو سبب بڻجي ٿي. نيشنل ايمرجنسي آپريشن سينٽر والدين کي اپيل ڪئي آهي ته اهي هر مهم ۾ پنهنجن ٻارن کي پوليو جا ڦڙا پيارين. ايندڙ ملڪ گير پوليو مهم 13 کان 19 آڪٽوبر تائين منعقد ڪئي ويندي، جنهن ۾ 400,000 کان وڌيڪ پوليو ورڪر ملڪ جي گهر گهر وڃي ٻارن کي پوليو کان بچاءُ جا قطرا پياريندا. نيشنل ايمرجنسي آپريشن سينٽر موجب، پوليو مهم جي ڪاميابي لاءِ والدين، برادري، استادن، عالمن ۽ ميڊيا جو ڪردار تمام ضروري آهي.

بقايا ✻++✻++ 30

ڪرڻ کان پوءِ مرڪزي لنڊن ۾ فلسطيني سفارتخاني جي ٻاهران فلسطيني جهنڊو بلند ڪيو ويو. جهنڊو بلند ڪرڻ جي تقريب فلسطيني مشن جي ٻاهران ٿي، جنهن کي هاڻي سفارتخاني جو درجو ڏنو ويو آهي. هن موقعي تي، برطانيه ۾ فلسطيني سفير حسام زملوٽ چيو "مهرباني ڪري فلسطيني جهنڊو بلند ڪرڻ ۾ مون سان شامل ٿيو. جنهن جا رنگ اسان جي قوم جي نمائندگي ڪن ٿا: ڪارو اسان جي ماتم لاءِ، اڇو اسان جي اميد لاءِ، سائو اسان جي زمين لاءِ ۽ ڳاڙهو اسان جي قوم جي قربانين لاءِ" هن وڌيڪ چيو "اسان هي جهنڊو فلسطيني عوام جي آزادي ۽ انصاف لاءِ ڊگهي جدوجهد جي اعزاز ۾، ۽ برطانيه ۽ دنيا جي لکين ماڻهن جي عزت ۾ بلند ڪريون ٿا جيڪي آزادي سان پيار ڪن ٿا." هن موقعي تي، هن وڌيڪ چيو "اسان هي جهنڊو هڪ عهد جي طور تي بلند ڪريون ٿا ته فلسطين زنده رهندو، فلسطين اڀرندو ۽ فلسطين آزاد ٿيندو" برطانيه ۽ جرمني اسرائيل کي ويسٽ بئنڪ جي وڌيڪ علائقن تي قبضو ڪرڻ کان خبردار ڪيو آهي ڪيترائي عالمي اختيارين اسرائيل کي فلسطيني رياست کي تسليم ڪندڙ ملڪن جي جواب ۾ قبضي واري ويسٽ بئنڪ جي الحاق کي وڌائڻ کان خبردار ڪري رهيا آهن. هڪ جرمن حڪومتي ترجمان هاڻي شامل ٿي ويو آهي، ۽ چيو آهي ته اسرائيل طرفان فلسطيني زمين جو وڌيڪ الحاق نه ڪيو وڃي. اهي تبصرا اسرائيل جي انتهائي ساڄي ڌر جي قومي سلامتي وزير اتمار بين گوير جي بيان تي آيا آهن جڏهن ڪينيڊا، برطانيه ۽ آسٽريليا پاران فلسطين کي هڪ رياست طور تسليم ڪرڻ کان پوءِ هو ايندڙ ڪابينا جي اجلاس ۾ فلسطيني علائقي کي الحاق ڪرڻ جو معاملو اٿاريندو ۽ هن مهيني جي شروعات ۾، ناڻي واري وزير بيزليل سموٽرچ ويسٽ بئنڪ جي 82 سيڪڙو کي الحاق ڪرڻ جي تجويز پيش ڪئي. ان دوران، برطانوي پرڏيهي سيڪريٽري يويٽ ڪوپر چيو ته هن اسرائيل کي واضح ڪري ڇڏيو آهي ته هو فلسطيني رياست کي تسليم ڪرڻ جي جواب ۾ قبضو ڪيل ويسٽ بئنڪ جي الحاق کي نه وڌائيندو يويٽ ڪوپر نيويارڪ ۾ گڏيل قومن جي ڪانفرنس کان اڳ بي بي سي کي ٻڌايو ته برطانيه "اسرائيلي حڪومت کي واضح ڪري ڇڏيو آهي ته اهو اهو نه ڪندو" هن چيو ته فلسطيني رياست کي تسليم ڪرڻ جو فيصلو "اسرائيل ۽ فلسطينين ٻنهي جي سلامتي جو احترام ڪرڻ جو بهترين طريقو هو" اسرائيلي وزيرن، جن ۾ انتهائي ساڄي ڌر جي قومي سلامتي وزير اتمار بين گوير شامل آهن، برطانيه، ڪينيڊا ۽ آسٽريليا پاران فلسطيني رياست کي تسليم ڪرڻ جي جواب ۾ قبضي هيٺ اولهه ڪناري تي خودمختياري لاڳو ڪرڻ جي ڌمڪي ڏني آهي.

بقايا ✻++✻++ 31

هن زراعت، تجديد جوڳي توانائي، معدني وسيلن ۽ آءِ ٽي جي شعبن ۾ تعاون وڌائڻ جي تجويز ڏني. سيد يوسف رضا گيلاني چيو ته پاڪستان پنهنجي روانگي واپار خاص ڪري ٽيڪسٽائل، سرجيڪل اوزار، آءِ ٽي سروسز ۽ فوڊ پراڊڪٽس جي شعبن کي وڌائڻ جو خواهشمند آهي. ان موقعي تي هن ٻنهي ملڪن جي صنعتن ۽ تجارت واري ايوان ۽ نجي شعبي وچ ۾ گڏيل فورم جي قيام جي تجويز پڻ پيش ڪئي. دفاعي شعبي ۾ تعاون تي زور ڀريندي سينيٽ چيئرمين چيو ته پاڪستان ۽ آسٽريليا وچ ۾ دفاعي رابطن کي وڌيڪ هٿي ڏيڻ گهرجي. هن پاڪستان جي لاءِ آسٽريليا جي ترقياتي معاونت کي به ساراهيو موسمياتي تبديليءَ جي حوالي سان ڳالهائيندي هن چيو ته پاڪستان دنيا جي انهن ملڪن ۾ شامل آهي جيڪي سڀ کان وڌيڪ ماحولياتي خطرن ۾ ورتل آهن. هاڻوڪيون تباهي پکيڙيندڙ برساتون ۽ ٻوڏ ان جا واضح ثبوت آهن. هن گڏيل حڪمت عملي ۽ عالمي تعاون تي زور ڀريو ته جيئن ان چئلينجز جو مقابلو ڪري سگهجي. ان موقعي تي سينيٽ چيئرمين آسٽريلوي هاءِ ڪمشنر کي آئينده ٿيندڙ بين البارلياماني اسپيڪرز ڪانفرنس جي باري ۾ بريفنگ ڏني جيڪو هلندڙ سال نومبر ۾ منعقد ٿيندو هن آسٽريلوي پارلياماني قيادت کي ان ڪانفرنس ۾ شرڪت جي باضابطه دعوت ڏني ۽ چيو ته سندس ڪانفرنس ۾ شرڪت نهايت اهم هوندي. ڪانفرنس جي سفير ۽ چيئرمين سينيٽ جي صلاحڪار مصباح کر هاءِ ڪمشنر کي ڪانفرنس جي موضوع ۽ ان جي مجموعي هدفن کان آگاهه ڪيو. ملاقات جي پڄاڻيءَ تي ٻنهي اڳواڻن ٻنهي ملڪن جي ناتن کي وڌيڪ مستحڪم بڻائڻ، عالمي ۽ علائقائي امن لاءِ گڏيل ڪوششون جاري رکڻ جي عزم جو اظهار ڪيو.

بقايا ---- 01

الائنس جي سڏ تي پوري سنڌ جيان ٿرپارڪر ۾ به 23 سيپٽمبر کان 27 سيپٽمبر تائين اسڪولن ۽ آفيسن جي مڪمل تالابندي ۽ قلم ڇڏ هڙتال. ملازمن جي جياپي جي جنگ لاءِ گڏيل حڪمت عملي جوڙڻ ۽ انهي احتجاجي تحريڪ کي وڌيڪ موثر بڻائڻ جي سلسلي ۾ جيتيش راٺي جنرل سيڪريٽري گسٽا ٿرپارڪر جي صدارت ۾ گورنمينٽ هاءِ اسڪول مٺي ۾ هڪ ميٽنگ ٿي گذري جنهن ۾ ٿرپارڪر جي سيني سرڪاري ملازم تنظيمن جي اڳواڻن جهڙوڪ گسٽا ٿرپارڪر جنرل سيڪريٽري جيتيش راٺي، گواز ميرپورخاص ڊويزن ارباب ذوالفقار، گواز ٿرپارڪر وجئه شرما، پ ٽ الف ٿرپارڪر بادل دل، سپسا ٿرپارڪر ارجن لال سوٿهڙ، آل روينيو ايمپلائيز ايسوسيئيشن ٿرپارڪر راجيش لوڊا، سپلا ٿرپارڪر ڪپيل پنڊت رويش گوماڻي، پاڪستان ميڊيڪل ايسوسيئيشن ٿرپارڪر ڊاڪٽر حفيظ دل، ڊاڪٽر صاحب ڏنو جهنجي، آپڪا ٿرپارڪر مدن لال ڪيلا، آئي. ٽي. اي ٿرپارڪر ارون آچاريه، ينگ پيرا ميڊيڪل ايسوسيئيشن ٿرپارڪر شولال، لوئر اسٽاف ايسوسيئيشن ٿرپارڪر، لوڪل گورنمينٽ ايمپلائيز ايسوسيئيشن ٿرپارڪر، اسپيشل ايجوڪيشن ڊپارٽمينٽ ٿرپارڪر محمد سليم راهمون، عطا الرحمان بجير، استيوٽا ٿرپارڪر هارون عمراڻي، ورڪس ۽ سروسز ايسوسيئيشن هاشم جوڻيجو، پيربخش فقير، مانيٽرنگ اينڊ ايووليوشن ٿرپارڪر سڪراج، اڊر ڪيڊرس تنظيم اڳواڻ اوم اگراڻي، عبدالحق هنگورجو، چندر لوڊا، مڪيش اڪاڻي، سروڻ مالهي، راگهو جوڻيجو، سڪندر علي راهمون، عزيز الرحمان، ۽ ٻين اڳواڻن سياڻي اگاري 23 سيپٽمبر کان 27 سيپٽمبر تائين ٿيندڙ اسڪولن ۾ تدريسي عمل جو بائيڪاٽ ۽ آفيسن جي مڪمل تالابندي ۽ قلم ڇڏ هڙتال جو فيصلو ڪيو ويو. اڳواڻن سنڌ حڪومت کان پرزور مطالبو ڪيو ته سنڌ جي ملازمن جا جائز مسئلا حل ڪري انهن سان ٿيندڙ ناانصافي ۽ ٻ اڪيائي ختم ڪئي وڃي ۽ مهانگايي جي تناسب سان پگهارن ۾ واڌ ڪئي وڃي ملازم تنظيمن جي اڳواڻن سنڌ حڪومت کي اهو چتاءُ ڏيندي چيو ته ملازمن جا جائز مطالبا تسليم نه ڪيا ويا ته ٻي صورت ۾ 06 آڪٽوبر تي ڪراچي ۾ بلاول هائوس جي سامهون احتجاجي ڌرڻو هنيو ويندو.

بقايا ---- 02

پنجاب ۽ خيبرپختونخوا ۾ حاليه ٻوڏ سبب پنجاب مان ڪڻڪ جي فراهمي متاثر ٿي آهي، جنهن جي نتيجي ۾ اٽي جا اگهه وڌيا آهن ضلعي آفيسر وڌيڪ چيو ته صورتحال تي ڪنٽرول آڻڻ لاءِ هڪ خاص ٽيم جوڙي وئي آهي، جيڪا 108 چڪين جي مالڪن سان ملاقاتون ڪري حقيقي صورتحال تي رپورٽ تيار ڪندي، رپورٽ جي روشني ۾ ڪارروائي ڪئي ويندي. سوشل ورڪر اتحاد ضلعي انتظاميا کي پنهنجي مڪمل سهڪار جو يقين ڏياريندي عوام جي حقن جي حفاظت لاءِ گڏجي ڪم ڪرڻ تي زور ڏنو

بقايا ---- 03

پهچڻ تي ريجنل ڊائريڪٽر لائبريريز بشارت علي سندس آجيان ڪئي ۽ ڪيس سنڌ جو روايتي تحفو اجرڪ ۽ سنڌي ٽوپي پيش ڪئي. ان موقعي تي رضا پارسا چيو ته مون کي هتي اچي تمام خوشي ٿي آهي، جو ايتري وڏي تعداد ۾ نوجوان شاگرد ۽ شاگرديون پنهنجي پڙهائي ۾ مشغول آهن. هن چيو ته اڄ جي هن جديد دور ۾ به نوجوانن جو ڪتابن سان لڳاءُ ساراهه جوڳو عمل آهي. هن وڌيڪ چيو ته اڄڪلهه جا نوجوان گهڻو وقت موبائل فون تي فضول پروگرام، ڊراما ۽ فلمون ڏسي ضايع ڪن ٿا، جيڪڏهن اهو وقت هو پنهنجي مثبت سرگرمين ۾ صرف ڪن ته بهتر نتيجا حاصل ڪري سگهن ٿا. اسان کي نوجوانن کي تعليم ڏانهن راغب ڪرڻ لاءِ انهن جي ذهني تربيت ڪرڻي پوندي ۽ ڏينهن يا رات جي ڪنهن به وقت موبائل فون جي فضول استعمال کان بچائڻ جون هدايتون ڏيڻيون پونديون. شمس العلماء دائودپوٽا لائبريري جي ريجنل ڊائريڪٽر بشارت علي چيو ته اسان جي ڀرپور ڪوشش هوندي آهي ته نوجوانن کي بهتر ماحول ۾ تعليم فراهم ڪئي وڃي، ان لاءِ هتي انٽرنيٽ سميت جديد دور جا اوزار موجود آهن ته جيئن هو پنهنجي تعليمي سفر کي بهتر انداز سان جاري رکي سگهن. هن سلسلي ۾ صوبي جي حڪومت جو ڀرپور سهڪار پڻ حاصل آهي. دوري دوران ثقافتي اتاشي رضا پارسا لائبريري جي مختلف سيڪشنن جو دورو ڪيو ۽ شاگردن سان ملاقات ڪري ضروري هدايتون ڏنيون. بعد ۾ هن سنڌ گورنمينٽ لائبريري، حسرت موهاني لائبريري جو پڻ دورو ڪيو.

بقايا ---- 04

ڪوآرڊينيٽر انساني حقن واري کاتي حڪومت سنڌ ضلع ٺٽي جي انچارج الطاف حسين تنيو سان ملاقات ڪئي. ملاقات ۾ تنيا ويلفيئر ايسوسيئيشن جي اينڊ فلاحي منصوبن، انساني حقن تي آگاهي سيمينار، تعليمي پروگرامن تي تفصيلي بحث ڪيو ويو ان موقعي تي عبدالرؤف قريشي، اسلم قريشي، قادر جاکهرو مير محمد ۽ ٻيا پڻ موجود هئا جن مختلف تجويزون ۽ رايا پيش ڪيا. الطاف حسين تنيو مهمانن جو شڪريو ادا ڪندي چيو ته اسان جي ڪوشش سماج ۾ انساني وقار، تعليم ۽ شعور کي اجاگر ڪرڻ آهي. تنيا ويلفيئر ايسوسيئيشن جهڙن ادارن جو تعاون پليڪار آهي. نواز علي تنيو ۽ پروفيسر خان محمد تنيو چيو ته اسان الطاف حسين تنيو جهڙي محنتي ۽ مخلص شخص سان گڏ بيٺا آهيون. ۽ انساني حقن، تعليم ۽ سماجي ڀلائي لاءِ هر ممڪن ڪردار ادا ڪنداسين. هن ملاقات کي مقامي سطح تي انساني حقن جي فروغ ۽ فلاحي ادارن جي وچ ۾ باهمي تعاون جي طرف هڪ خوشگوار ۽ مثبت قدم قرار ڏنو پيو وڃي.

بقايا ---- 05

تي آباد ماڻهن کي بند تي خيما لڳائي انهن ۾ منتقل ڪرڻ شروع ڪري ڇڏيو آهي. درياءِ سنڌ جي مختلف بئراجن بابت آبپاشي کاتي پاران ڏنل انگن اکرن موجب: گڊو بئراج تي پاڻي جي آمد 260309 ڪيوسڪ ۽ اخراج 231545 ڪيوسڪ آهي، سکر بئراج تي آمد 261554 ۽ اخراج 206434 ڪيوسڪ آهي. جڏهن ته ڪوٽڙي بئراج تي پاڻي جي آمد 364041 ڪيوسڪ ۽ اخراج 339486 ڪيوسڪ آهي. درياءِ جي ٻنهي ڪنارن تي آباد گهرن ۾ پاڻي داخل ٿيڻ سبب ضلعي انتظاميا فوري طور متاثر ٿيل ماڻهن کي قاسم آباد ۽ سحرش نگر جي بند تي PDMAپاران قائم ڪيل خيما بستين ۾ منتقل ڪرڻ شروع ڪري ڇڏيو آهي. خيما بستيءَ ۾ رهندڙ متاثر ماڻهن جو چوڻ آهي ته کين صرف خيما ته ڏنا ويا آهن. پر اڃا تائين کين خوراڪ ۽ ٻين بنيادي سهولتن جي فراهمي نه ٿي سگهي آهي. لڳاتار پاڻي بيهڻ سبب علائقي ۾ ڏنگ ڏيندڙ مڇرن جي واڌ ويجهه ٿي آهي ۽ انهن متاثر علائقن ۾ ڊينگي ۽ مليريا جهڙيون بيماريون تيزيءَ سان پکڙجي رهيون آهن.

بقايا ---- 06

ايس او سنجهورو چرس جي ڊيلر عمران مهر کي گرفتار ڪري سندس قبضي مان 1020 گرام چرس هٿ ڪري ورتي آهي، ايس ايڇ او سانگهڙ چرس جي ڊيلر ذاڪر نظاماڻي کي گرفتار ڪري 530 گرام چرس هٿ ڪري ورتو آهي بئي ڪارروائي ۾ منشيات فروش عاشق خاصخيلي کي گرفتار ڪري 20 لٽر شراب هٿ ڪيو ويو آهي. ايس ايڇ او شهيدادپور چرس جي ڊيلر محمد زنوار آرائين کي گرفتار ڪري سندس قبضي مان 520 گرام چرس هٿ ڪري ورتو آهي. ايس ايڇ او هيراني ڦرجي ڪيس ۾ روپوش جوابدار محب الله چانڊيو کي گرفتار ڪري وررو آهي گرفتار ٿيل جوابدار کان ڦرڪيل رقم مان 12000 روڪ رقم ۽ ڦرڪيل فون جو ڊٻو به هٿ ڪيو ويو آهي. ايس ايڇ او ٽنڊوآدم منشيات فروش محمد آصف ملوڪاڻي کان 10 لٽر شراب هٿ ڪيو آهي.

بقايا ---- 07

۽ پائيداري کي مضبوط ڪرڻ جي طرف هڪ اهم قدم آهي. هيومن رائٽس ريسورس سينٽر هڪ ونڊو پليٽ فارم طور ڪم ڪندو جتي انساني حقن تي ڪم ڪندڙ اين جي اوز، آئ اين جي اوز، سي بي اوز ۽ يونين ڪائونسل سطح جي تنظيمن جي رجسٽريشن ۽ رڪارڊ برقرار رکيا ويندا. هي مرڪز آگاهي مهم ۽ هيومن رائٽس ڊفينڊرز پروگرام ۾ سرڪاري ۽ غير سرڪاري استيڪ هولڊرز جي وچ ۾ گڏيل ڪوشش کي سهولت فراهم ڪندو ۽ مدد ڪندو. اهو شفافيت، رسائي ۽ اثرائتي شموليت کي يقيني بڻائيندو جيڪو صوبائي ۽ بين الاقوامي انساني حقن جي وابستگين سان مطابقت رکي ٿو هي مرڪز انساني حقن جي ڊائريڪٽوريٽ پاران نامزد ڪيل سرڪاري فوڪل پرسن ۽ هڪ ممتاز سول سوسائٽي تنظيم پاران نامزد ڪيل اين جي او جي فوڪل پرسن سان گڏجي هلايو ويندو ته جيئن اثرائتي تعاون ۽ گڏيل ملڪيت کي يقيني بڻائي سگهجي. ڊائريڪٽوريٽ هن مقصد لاءِ آفيس ۽ انتظامي مدد فراهم ڪندو. ان موقعي تي ڳالهائيندي، انساني حقن جي ڊائريڪٽر آغا فخر حسين چيو ته حيدرآباد ريسورس سينٽر هڪ ماڊل پروجيڪٽ جي طور تي ڪم ڪندو، جيڪو ايندڙ مرحلن ۾ لاڙڪاڻو، ميرپورخاص، شهيد بينظير آباد ۽ سکر سميت سيني ڊويزنل هيڊ ڪوارٽرز ۾ قائم ڪيو ويندو.

بقايا ---- 08

ادبي سنگت شاخ ٺٽي جي هڪ ادبي گڏجاڻي کي خطاب ڪندي ڪيو. منعقد ڪيل گڏجاڻي ۾ ادبي تخليقون پڻ پيش ڪيون ويون. جن تي اصلاحي تنقيد پڻ ڪئي ويئي جن ۾ فقير اڪرم مگهار نظم. ڊاڪٽر ماروخشڪ چوسٽو. محمد خان ملاح غزل. فقير غلام حسين گگدام خاصخيلي نظم، عمران بشير غزل. شهمير شاد بيت، آزاد درس گيت، منظور حساس ٻهراڻي چوسٽا، سيد انور علي شاه ڪهاڻي. لعل بخش ڪاتيار مضمون. نياز ملاح تاثر پيش ڪيو. پروگرام جي شروعات تلاوت قرآن ڪانپوءِ انور آرزو ميمڻ جي سريلي آواز ۾ شاه جي سر يمن ڪلياڻ ۾ وائي سان ڪئي وئي.

بقايا ---- 09

آف انجنيئرنگ اينڊ ٽيڪنالاجي مان تعليم يافته، باصلاحيت ۽ با اخلاق نوجوان، انجنيئر سيد فرمان علي شاه کي پبلڪ هيلٿ ڊپارٽمينٽ جي سب ڊويزن 1 ڊيولپمينٽ ونگ عمرڪوٽ ۾ سب انجنيئر مقرر ٿيڻ تي دل جي گهرائي سان مبارڪباد پيش ڪريان ٿو ۽ اميد ڪريان ٿو ته سيد فرمان علي شاه علائقي جي ماڻهن جا مسئلا حل ڪرڻ ۾ بهتر ثابت ٿيندو

بقايا ---- 10

. مل مالڪ شهزادو چانڊيو. خبر موجب : ميروخان ۾ خوراڪ کاتي جي عملدارن جي نااهلي ۽ لاپرواهي سبب سرڪار پاران خريد ڪيل ڪروڙين رپين جي ماليت جي ڪڻڪ خراب ٿي وڃڻ کان پوءِ کائڻ جي لائق نه رهي چار سال اڳ خوراڪ کاتي جي عملدارن پاران ڪڻڪ خريداري لاءِ عارضي طور تي شهر جي مقامي المڪه رائيس مل ۾ خريد ڪري رکيل هزارين ٻورين ۾ ڀريل ڪروڙين روپين جي ماليت جي هزارين مڻ ڪڻڪ جون ٻوريون وقت سر نه کڻڻ ۽ خوراڪ کاتي جي ڪامورن ۽ عملدارن پاران مالڪي نه ڪرڻ ڪري اُس تي ڳري خراب ٿي ويون ان سلسلي ۾ رائيس مل جي مالڪ شهزادو چانڊيو ٻڌايو ته سال 2022 ع ۾ خوراڪ کاتي جي عملدارن پاران بارداڻي جي صورت ۾ آبادگارن کان سرڪاري رقم عيوض خريد ڪري سرڪاري بارداڻي ۾ رکيل ڪڻڪ جون هزارين ٻوريون اُس ۾ پيل هجڻ ڪري ڳري ويون آهن جنهن ڪري ڪڻڪ ڪاري خاڪ بڻجي بدبوءِ ڪري وئي آهي جنهن ڪري اها ڪروڙين رپين جي ماليت جي ڪڻڪ انسان ته ڇا پر جانورن جي کائڻ لائق به نه رهي پر چار سالن جو ڊگهو عرصو گذرڻ باوجود ڪڻڪ خريد ڪندڙ خوراڪ کاتي جي عملدارن کي بار بار آگاهي ۽ اطلاع ڏيڻ باوجود انهن سرڪار جي ڪروڙين رپين عيوض خريد ڪيل ڪڻڪ کي نه کڻائي ويا آهن نه ئي ڪا واهر ڪئي آهي جنهن ڪري رائيس مل جي اڱڻ تي لاوارث حالت ۾ پيل ڪڻڪ بلڪل ناڪاره بڻجي وئي آهي بي پاسي ٽائيم نيوز پاران ان سلسلي ۾ فوڊ ڊپارٽمينٽ جي عملدارن سان رابطو ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي وئي پر انهن پنهنجو موقف ڏيڻ بدران ڪال اٽينڊ نه ڪئي آهي.

بقايا ---- 11

تي ويا آهن ۽ واهن جا برم ختم ٿي چڪا آهن. ان جي نتيجي ۾، انهن ٻنهي ۾ گهارا پوڻ جو خطرو وڌي ويو آهي، واضح رهي ته آبپاشي کاتي کي قليلي ڪينال جي سسٽم سان لاڳاپيل واهن جي بندن ۽ پاڻي جي ڪناءَ سان ٿيندڙ نقصان کي بهتر بڻائڻ لاءِ هر چار مهينن ڪانپوءِ 4 ڪروڙ رپيا، يعني ساليانو 12 ڪروڙ رپيا، "ايم اينڊ آر فنڊ" جي نالي سان باقاعدگي سان ملن ٿا. پر هن فنڊ جا ٽينڊر غير معروف اخبارن ۾ ڇپائي، نهرن جي بهتري جي نالي تي ڪروڙين روپيا هڙپ ڪيا وڃن ٿا سنڌ حڪومت کي هن مسئلي طرف سنجيدگي سان ڌيان ڏيڻ گهرجي ۽ واهن جي بندن کي پڻ مظبوط ڪرڻ گهرجي.

بقايا ---- 12

پاروٺو (بئي ڏينهن جو بچيل ۽ گرم ڪري پيش ڪيل) کاڌو عام ٿيڻ لڳو آهي، جنهن سبب مختلف قسم جون صحت جي حوالي سان بيماريون پکڙجڻ لڳيون آهن. هوٽلن تي گوشت (وڏو، ننڍو، ڪڪڙ)، دال، سبزيون ۽ ٻين قسمن جو کاڌو پاروٺو طور پيش ڪيو پيو وڃي، جيڪو مسافرن جي صحت لاءِ سخت نقصانڪار ثابت پيو ٿئي. ڪيترن ئي شڪايتن باوجود لاڳاپيل فوڊ انسپيڪٽر ۽ تعلقو توڙي ضلعي انتظاميا پاران هن اهم مامري تي اڃا تائين ڪو سنجيده قدم نه کنيو ويو آهي. ذريعن مطابق، جيڪڏهن ڪڏهن کاڌي جا سيمپل ورتا به ويا ته انتظاميا ۽ هوٽلن جي مالڪن وچ ۾ ڏيتي ليتي ذريعي معاملو دٻايو ويندو آهي، جنهن سبب صورتحال بهتر نه ٿي سگهي آهي. علائقي جي سياسي، سماجي ۽ شهري تنظيمن پاران ضلعي انتظاميا حيدرآباد کان گهر ڪئي وئي آهي ته هوٽلن جي بورچي خانن جي فوري چڪاس ڪئي وڃي، کاڌي جا صحيح سيمپل وٺي ليبارٽري ۾ جاچ ڪرائي وڃي ۽ باسي کاڌي سبب پکڙجندڙ بيمارين کان مسافرن کي بچايو وڃي. هتان جي رهواسين، ڪامريڊ نثار لغاري، ڪامريڊ دوست علي لغاري، ڪامريڊ امجد رند، اڪبر بروهي ۽ ٻين مطالبو ڪيو آهي ته چنڊڻ موري کان وٺي هٽڙي بائي پاس تائين مڙني هوٽلن جي فوري جاچ ڪرائي وڃي، فوڊ انسپيڪٽرن جي غيرجانبدار ڪارروائي کي يقيني بڻايو وڃي، پاروٺي کاڌي جي وڪري تي پابندي لڳائي وڃي، صحت واري کاتي جي نگراني هيٺ باقاعده سيمپلنگ ورتا وڃن، عوامي آگاهي لاءِ مهم هلائي وڃي، رهواسين پاران عوامي ڀلائي ۽ مسافرن جي صحت جي تحفظ لاءِ ضلعي انتظاميا حيدرآباد کان جلد ڪارروائي جي اپيل ڪئي وئي آهي.

بقايا ---- 13

فرار ٿي ويا هئا. انهي جو ڪيس فريادي محمد سومار سيهڙو جي فرياد تي ڳاڙهو ٿاڻي تي درج ڪيو ويو پوليس جي جانچ رپورٽ موجب پوليس ڳاڙهو ٿاڻي تي مقرر پوليس اهلڪار وحيد جلباڻي جي ٻج تي سندس ڀاءُ علي شير جلباڻي جي نگراني ۾ پنج ڏاڙيلن جي ٽولي گذريل آچر واري رات ڳوٺ محمد رحيم سيهڙو تي ڪاهه ڪري ڳوٺاڻن کي يرغمال ڪيو ۽ واردات دوران ڌوهارين حاجي حسين سيهڙو جي گهر مان هڪ لک ڏهه هزار ڪيش 21 لک ماليت جا سونا زيور ڦر ڪيا جنهن دوران ڳوٺاڻن ۽ ڏاڙيلن ۾ چڪتاڻ پيدا ٿي. ڏاڙيلن هڪ معصوم ٻار کي ڍال بڻائي فائرنگ ڪئي ته ڀرپاسي جي ڳوٺن جا ڳوٺاڻا به هٿيار کڻي ڳوٺاڻن جي مدد لاءِ پهتا سڄي رات جي چڪتاڻ ڪانپوءِ ڳوٺاڻن ٽن ڏاڙيلن کي هٿيارن سميت پڪڙي ورتو هو جڏهن ته ٻه ڇٽا ڦرڪيل رقم ۽ سونا زيور کڻي ڪار سميت فرار ٿي ويا هئا. جڏهن ته ڳوٺاڻن پاران پڪڙيل ڏاڙيلن پوليس جانچ ۾ سموري واردات بابت حقيقت تي مبني بيان ڏنو آهي. جنهن مطابق ڳاڙهو ٿاڻي جو پوليس اهلڪار وحيد جلباڻي جي ٻج تي سندس ڀاءُ علي شير جلباڻي جي نگراني ۾ لاڙڪاڻي ضلعي کان آيل چار ڏاڙيل عمران پٽ علي نواز جلباڻي، احمد علي پٽ مهر علي جلباڻي، اسرار احمد پٽ عبدالغفور جلباڻي، مختيار پٽ غلام جلباڻي وينل رتوديرو ضلعو لاڙڪاڻو. جڏهن ته يوسي انڊو جو رهواسي علي شير پٽ محمد صديق جلباڻي جيڪي هٿيار کڻي مذڪوره ڳوٺ ۾ داخل ٿيا ڳوٺاڻن کي يرغمال ڪيو ۽ ڦرلٽ ڪئي اهڙي واردات ڪان پوءِ علائقي ۾ خوف وارو ماحول ڇانيل آهي. ياد رهي ته مقامي جلباڻي برادري هن واردات ۾ ملوث ڌوهارين کان مڪمل لاتعلقي ظاهر ڪري ڇڏي آهي. رئيس ممتاز علي خان جلباڻي ۽ رئيس حنيف خان جلباڻي مقامي سيهڙا برادري کي انصاف ڏيارڻ لاءِ پوليس کي پڻ فوري سمورن ڏاڙيلن ۽ سهولتڪارن کي ظاهر ڪري گرفتار ڪرڻ جون هدايتون ڏنيون آهن ۽ پنهنجي پاران مقامي ڳوٺاڻن کي مڪمل سهڪار جي خاطري ڪرائي آهي.

بقايا ---- 14

تلهار پوليس هڪ اهم ڪارروائي دوران ڏوهه جي ڪوشش ناڪام بڻائيندي چار رڪني جرائم پيشه گروهه کي اسلحي سميت گرفتار ڪري ورتو ڪارروائي جا تفصيل ترجمان ضلعي پوليس بدين موجب، ٿاڻو تلهار تي نئون مقرر ٿيل ايس ايڇ او سب انسپيڪٽر علائوالدين خاصخيلي اسٽاف سان گڏ رپ شريف لنڪ روڊ تي رات دير سان گشت ڪري رهيو هو. جڏهن مورجهر پرسان هڪ آلٽو ڪار ڏسڻ ۾ آئي. پوليس مشڪوڪ جوابدارن کي روڪيو ۽ جاچ دوران سندن قبضي مان غيرقانوني شاٽ گن ۽ ايمونشن هٿ آيا. گرفتار جوابدار گرفتار جوابدارن ۾ هيٺيان شامل آهن: سبحان جونيجو امتيار علي جونيجو (رهواسي خليفو قاسم، تعلقو ٽنڊو باگو) غلام علي ملاح (رهواسي گولاڙچي) سجاد علي ڳوپانگ (رهواسي سيراني) جوابدارن جو ڏوهن وارو پسمنظر ترجمان موجب، جوابدارن مان ٻه ڀائر سبحان ۽ امتيار جونيجو اڳ به ڪيترن ئي سنگين ڏوهن ۾ ملوث رهيا آهن. جن خلاف اهم ڪيس داخل آهن: 1. ڪيس نمبر 07/2022، دفعات 395، 506/2 (ٽاٽو پنگريو) 2. ڪيس نمبر 109/2018، دفعات 269، 270 (ٽاٽو پنگريو) 3. ڪيس نمبر 154/2024، دفعات 365، 397، 109، 34

بقايا ---- 15

سيڪنڊري ڏوڪري طرفان جشن عيد ميلاد النبي صلعم جو پروگرام منعقد ڪيو ويو. ان موقعي تي پ پ پ ايم اين اي نظير احمد ٻگهيو،سردار حزب الله ٻگهيو، رٽائرڊ ڪرنل نظير احمد جتوئي، امرخان ٻگهيو ۽ ٻين چيو ته حضور پاڪ جن سموري دنيا لاءِ رحمت العالمين بڻجي آيا جنهن جي اچڻ سان جهالت جو خاتمو ٿيو ۽ باطل هميشه لاءِ مٽجي ويو.جشن عيد ميلاد النبي صلعم جي ميزبان تعلقي ايجوڪيشن آفيسر (فيميل) سيڪنڊري تعلقو ڏوڪري رسول بخش جيسر/نظير احمد جيسر طرفان منعقد ڪيل جشن عيد ميلاد النبي جي موقعي تي ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو ته سموري دنيا ۾ محسن انسانيت حضرت محمد مصطفى صلي الله عليه وسلم جن جي هن دنيا ۾ آمد جي موقعي تي جهالت جو خاتمو ٿيو ۽ هر طرف شعور جون لاٽون نروار ٿيون، هر هنڌ محبوب پاڪ جي آمد تي مرحبا يا مصطفي مرحبا يا مصطفي جون صدائون بلند ٿيون، اسان مسلمان تمام گهڻا خوش نصيب آهيون جو اسان کي نبين جو سردار مليو. جشن عيد ميلاد النبي صلعم تقريب ۾ علائقي جي معززين رٽائرڊ ڪرنل نظير احمد جتوئي،رئيس عرفان خان جتوئي، عطاء الله خان جتوئي، صوفي بدرالدين ميتلو، ارشاد خان ٻگهيو، واجد علي ٻگهيو، ڏوڪري پريس ڪلب جي صدر فدا حسن ابڙو، اطهر سنڌيلو، علي اصغر ميمڻ، قاضي نياز حسين،قاضي سهيل، وحيد رمضان جوڻيجو، تعليم کاتي ضلعو لاڙڪاڻو جي عملدارن،رٽائرڊ پروفيسر سراج احمد سوهو، يوسي چيئرمين سرائي منظور منگڻ، چيئرمين محمد علي راڄپر، چيئرمين آفتاب ظفر سيال، زوار فدا حسين قلپوٽو، معشوق علي جتوئي، انجنيئر وقار علي سومرو سميت علائقي جي مختلف برادرين جي ماڻهن وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي.

بقايا ---- 16

سوبر سان نشو ڏئي بدفعلي ڪندڙن بااثر جوابدارن جي گرفتاري لاءِ پريس ڪانفرنس ڪندي مبينا الزام لڳائيندي چيو ته منهنجو پٽ ميهڙ ۾ ڪمانگرن جي جوس جي اڏي تي ڪم ڪندو هيو جنهن کي سجاد ولد صديق، شهبان ولد ذوالفقار ،وقار ولد منظور سوبر ٿئين ذات جا سوبر ۽ محرم ولد محمد ڪمانگر نشو ڏئي بدفعلي ڪئي جنهن جي اسان ميهڙ ٿاڻي تي ايف آئي آر داخل ڪرائي آهي جوابدار بااثر آهن پوليس انهن کي گرفتار نه پئي ڪري مان ايس ايس پي دادو ،ڊي آءِ جي حيدر آباد، آءِ جي سنڌ کي اپيل ٿو ڪيان ته مون مسڪين جو نوٽيس ورتو وڃي منهنجي پٽ سان بدفعلي ڪندڙ مٿين جوابدارن کي گرفتار ڪري اسان سان انصاف ڪيو وڃي.

بقايا ---- 17

کي تنگ ڪرڻ انهن جو روز جو معملو بڻيل هوندو آهي علائقي واسين پنهنجن ٻارن ۽ عورتن خوف مان گهرن تائين محدود ڪري ڇڏيا آهن شرابين جي اهڙي حمل خلاف علائقي جي سياسي پارٽين سوشل تنظيمن سميت علائقي واسين سخت ڪاوڙ جو اظهار ڪندي آءِ جي سنڌ ايس ايس پي سانگهڙ سميت ٻين وس وارن کان مطالبو ڪيو آهي ته علائقي ۾ هلندڙ شراب جي ڀٽين کي ڦورن بند ڪيو وڃي جيئن علائقي جا ٻار اسڪولن ڏانهن وڃي سگهن بئي صورت ۾ اسان دلورموري اسٽاپ تارن روڊ بند ڪرڻ حق رکڻي سگهون ٿا.

بقايا ---- 18

مطالبو :ٿرڪول بلاڪ ون تي ڪم ڪندڙ ڪمپني انتظاميا ڳوٺ وڪڙيو جي رهواسي انجنيئر سمش الدين کي ڊيوٽي تي لڳائي بعد ۾ بناجواز ڪڍي ڇڏيو اهڙي عمل خلاف انجنيئر شمس الدين ۽ ٻين پريس ڪلب پهچي احتجاج ڪندي سخت نعريبازي ڪئي.انهي سلسلي ۾ انجنيئر سمش الدين چيو ته ٿرڪول جي بلاڪ ون تي ڪم ڪندڙ ڪمپني مونکي نوڪري تي لڳائي فراڊ ڪرڻ بعد ڪڍي ڇڏيو آهي.مونکي MUEEٿرڪول بلاڪ_1 طرفان فون تي گهرايو ويو.اتي ڪم ڪندڙ ايڇ آر چيني اسسٽنٽ رياض ڪنير رابطو ڪري ٻڌايو ته توکي اليڪٽرڪل انجنيئر جي حيثيت ۾ HFOپاور پلانٽ لاءِ ڊيوٽي تي لڳايو پيو وڃي.انٽرويو بعد ايس ايس پي آفيس مٺي مان ڪاغذ تصديق ڪرايا ويا.اسان کي چيو ويو ته پاور پلانٽ ۾ مقرر ڪنداسين پر جڏهن نوڪري لاءِ پهتاسين ته مسٽر يونس اسان کي رهائش ڏانهن ڪٺي ويو ۽ بئي ڏينهن پلانٽ بدران ورڪشاپ ۾ لڳايو ويو.ورڪشاپ ۾ سب مرسيبل پمپ ۽ موٽر مرمتي جو ڪم هلندڙ هو. رياض ڪنير اسان کي چيو ته "2_3 ڏينهن هتي ڪم ڪريو پوءِ واپس پلانٽ موڪلينداسين پر اهو سڀ ٺڳي ثابت ٿيو.هن چيو ته آئون پنهنجو اڳيون روزگار ڇڏي مڪمل اميد سان هتي آيس ته انجنيئر جي حيثيت ۾ ڪم ۽ تجربي جا موقعا ملندا پر هتي مونکي صفائي،موٽر ڪولڻ ۽ مزدوري جهڙو ڪم ڏنو ويو نه صرف مان پر ٻين انجنيئرن کي پڻ ساڳئي طريقي سان ٺڳيو ويو.اسان گذريل سال کان هي معاملو کڻي جدوجهد ڪري رهيا آهيون بار بار ڊي سي آفيس، محتسب اعليٰ ۽ ٻين فورمن تي به شڪايتون ڪيون پر اڃا تائين ڪنهن به قسم جي داد رسي نه ٿي آهي.اسان سنڌ حڪومت، توانائي کاتي HRعملدارن ۽ اعليٰ اختياريِن کان مطالبو ڪريون ٿا ته هن معاملي جي فوري جاچ ڪئي وڃي.رياض ڪنير چيني HR ليانچي ۽ ٻين ذميوارن خلاف سخت ڪارروائي ڪئي وڃي.متاثر ٿيل انجنيئرن لاءِ اصل پيشورانه حيثيت بحال ڪئي وڃي.جن پنهنجو اڳيون روزگار وڃايو آهي.انهن لاءِ متبادل روزگار ۽ ٽريننگ پروگرام مهيا ڪيا وڃن.هي رڳو هڪ فرد جو نه پر ڪيترن ئي انجنيئرن جو مسئلو آهي.تنهنڪري عوامي مفاد ۾ ان تي تڪڙي ڪارروائي ضروري آهي.اسان سان انصاف ڪيو وڃي.

بقايا ---- 19

محتسب جي اهميت، افاديت ۽ طريقيڪار بابت آگاهي سيمينار منعقد ڪيو ويو ان موقعي تي ڳالهائيندي ريجنل ڊائريڪٽر محتسب هارون احمد خان چيو ته صوبائي محتسب جو ادارو عوام جي جائز شڪايتن جي ازالي لاءِ هر وقت سرگرم آهي. جيڪو بغير ڪنهن وڪيل جي، عوام کي جلدي انصاف فراهم ڪرڻ ۾ پنهنجو اهم ڪردار ادا ڪري رهيو آهي هن شاگردن کي صوبائي محتسب جي مقصدن، اثرن ۽ ڪارڪردگي بابت پڻ تفصيلي آگاهي ڏني هن چيو ته صوبائي محتسب جي رهنمائي هيٺ عوام کي فوري انصاف فراهم ڪرڻ لاءِ قدم کنيا پيا وڃن. ملڪ ۾ انصاف فراهم ڪندڙ ادارا موجود آهن پر انهن تائين پهچڻ لاءِ بنيادي ڄاڻ نه هئڻ سبب ڪيترائي ماڻهو پنهنجن حقن کان محروم رهن ٿا ريجنل ڊائريڪٽر چيو ته شهري ڪنهن به صوبائي کاتي جي خلاف پنهنجي جائز شڪايت سادي ڪاغذ تي لکي موڪلي سگهن ٿا. ۽ سندن مسئلو جلد حل ڪرائڻ لاءِ قدم کنيا ويندا هن چيو ته اسان جا دروازا هر انصاف تلاش ڪندڙ لاءِ کليل آهن ان موقعي تي ايسوسيئيٽ پروفيسر محمد هارون لوهار ۽ پرنسپال گل حسن سوڊو اسڪول کي درپيش مسئلن کان آگاهه ڪيو. جنهن تي ريجنل ڊائريڪٽر محتسب چيو ته سمورا مسئلا لکت ۾ موڪليا وڃن ته جيئن انهن جي حل لاءِ عملي قدم کنيا وڃن هن اسڪول ۾ معياري تعليم جي فراهمي ۽ بهتر ماحول تي اطمينان جو اظهار ڪيو ۽ پروفيسر محمد هارون لوهار، پرنسپال گل حسن سوڊو ۽ ٻين استادن جي ڪارڪردگي کي ساراهيو ان موقعي تي اسسٽنٽ رجسٽرار محتسب محمد حنيف پنهور، استاد ۽ شاگرد پڻ موجود هئا.

بقايا ---- 20

اسٽڪ، سميت ٻيو سامان ورهايو ويو پروگرام جو آغاز قرآن پاڪ جي تلاوت سان ڪئي وئي پروگرام ۾ آيل مهمان خاص کي سنڌ جي ثقافت کي نمايان ڪندي سنڌي ٽوپين ۽ اجرڪن جا تحفا پيش ڪيا ويا سيرا فائونڊيشن جي آرگنائيزرن ايڊوڪيٽ ذوهيب جعفر جمالي سيراه فائونڊيشن صدر بڪر جمالي عبدالرحمان جمالي جنرل سيڪريٽري سيراه فائونڊيشن بڪر جمالي ۽ آيل مهمانن ۾ منير احمد ڍوٽ ريجينل ڊائريڪٽر ڊي اي پي ڊي حيدرآباد مراد علي جمالي ايڊيشنل ڊائريڪٽر ڊي اي پي ڊي نوابشاه غلام مرتضي چنڙ ايڪس ريجنل ڊائريڪٽر شهيد بينظير آباد رفيق احمد جمالي ايڊيشنل ڊائريڪٽر سوشل ويلفيير متياري خطاب ڪندي چيو ته معذوري کي ماڻهون عيب سمجهن ٿا ۽ ڪنهن جي گهر معذور ٻار ڄمي ٿو ته ان کي لڪائيندا آهن جڏهن ته اڄڪلهه سائنس وڏي ترقي ڪئي آهي ۽ اهڙن معذور ماڻهن جو علاج ممڪن آهي انهن جو علاج ڪرائي سٺي صحت سان گڏ سٺي تعليم مهيا ڪئي وڃي ۽ اهڙن معذور ماڻهن کي ڊِس ايبل سرٽيفڪيٽ ۽ ڪارڊ ٺهرائي ڏنو وڃي ۽ سرڪاري نوڪري مهيا ڪري ڏني وڃي ته جيئن اهي ماڻهو به سماج ۾ هڪ سٺي زندگي گذاري سگهن.

بقايا ---- 21

به سرڪاري توڙي غير سرڪاري نمائندي يا اداري پاران ڪابه سار سنڀال نه لڌي وئي ۽ اهڙي ريت ٽرجي فن جو هڪ باب عارب فقير به هن جهان مان موڪلائي ويو.

بقايا ---- 22

ڪرڻ ۽ 24 تاريخ تي ٿيندڙ مقامي ادارن جي ضمني چونڊن جو بائيڪاٽ ڪرڻ جو اعلان ڪري ڇڏيو آهي . ماتلي ۾ سنڌ ايمپلايز الايينس جي اڳواڻن ٽي اي او پرايمري محرم علي پنهور ، چيئرمين عظيم درس ، عبدالجبار نظاماڻي ، اخلاق احمد چانگ ، شاهد احمد قمبراڻي ، عابد راجپوت ۽ ٻين ماتلي پريس ڪلب پهچي اهڙو اعلان ڪيو . استادن جي تنظيم جي اڳواڻن جو چوڻ آهي ته هنن ڪافي ڏينهن کان سنڌ سرڪار کي مطالبن جي مڃتا لاءِ چارٽر آف ڊماند ڏنو آهي پر ان تي اڃان تايين ڪو به عمل نه ٿي سگهيو آهي جنهن ڪري هو سڀاڻي کان اسڪولن ۽ ٻين سرڪاري آفيسن جي تالا بندي ۽ 24 تاريخ تي مقامي ادارن ۾ ٿيندڙ ضمني چونڊن جي ڊيوٽين جو بائيڪاٽ ڪن ٿا .

بقايا ---- 23

